روزاني

# سنڌيار

سکر

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد پهريون) اڳاروءِ 23 مئي 2023ع بمطابق 02 ذوالقعد 1444هـ (قيمت 05 روپيا) شمارو 357


# پارٽ جيتري چانهه پيئڻ گهري تو تہ پيئاريندا سين، پر ڪشمير نہ ڏيندا سين: بلاول

## ڪشمير مسئلو ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي جي اڻپوري ايجنڊا آهي، پاڪستان جو نالو ڪشمير ڪانسواءِ اڻپورو آهي

75 سالن کان ڪشميرين کي پنهنجي مستقبل بابت فيصلي کان محروم ڪيو ويو آهي، پارٽ دُنيا کي باوَر ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري پيو تہ ڪشمير تي ڪو تڪرار نہ آهي

## ڪشمير بابت پارٽ جي 5 آگسٽ 2019ع واري هڪطرفي قدم جي مخالفت ڪريون ٿا، آئون هتي ڪشميري پائرن سان ٻڌي جو اظهار ڪرڻ آيو آهيان

پارٽ کي سلامتي ڪائونسل جي قرارداد تي عمل ڪرڻو پوندو، هندستان جي 20 اجلاس جي صدر جي حيثيت سان پنهنجي پوزيشن جو ناجائز فائدو وٺي رهيو آهي

## والاريل ڪشمير ۾ پارٽي قدم عالمي قانونن جي بہ خلاف آهن. ڪشمير جي ورهاڱي برصغير جي نامڪمل ايجنڊا آهي

والاريل ڪشمير ۾ 5 آگسٽ جي ڪارروائين کي هڪ طرفي طور رد ڪيون ٿا: پرڏيهي وزير جو آزاد جمون ۽ ڪشمير قانون ساز اسيمبلي کي خطاب

مظفر آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پرڏيهي وزير بلاول پٽو زرداري چيو آهي تہ پارٽ کي سلامتي ڪائونسل جي قرارداد تي عمل ڪرڻو پوندو، هندستان G20 اجلاس جي صدر جي حيثيت سان پنهنجي پوزيشن جو ناجائز فائدو وٺي رهيو آهي. آزاد جمون ۽ ڪشمير قانون ساز اسيمبلي کي خطاب ڪندي پرڏيهي وزير بلاول پٽو زرداري چيو تہ هو پهريون پرڏيهي وزير آهي جنهن آزاد ڪشمير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

مظفرآباد: پرڏيهي وزير بلاول پٽو زرداري آزاد جمون ۽ ڪشمير قانون ساز اسيمبلي کي خطاب ڪندي

## عمران خان پرڏيهہ ۾ موجود زلفي بخاري سميت ٻين اڳواڻن کي ملڪ اچڻ کان روڪي ڇڏيو

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان گرفتاري کان بچڻ جي لاءِ زلفي بخاري سميت پرڏيهہ ۾ موجود اڳواڻن کي ملڪ اچڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. عمران خان سان پرڏيهہ ۾ رهندڙ اڳواڻن جو رابطو ٿيو جنهن تي پي ٽي آءِ چيئرمين اڳواڻن کي پاڪستان اچڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. عمران خان پرڏيهہ ۾ رهندڙ مخدوم طارق، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

# جناح هائوس ۽ جي ايڇ ڪيو تي حملو پاڪستاني نٿو ڪري سگهي، اهو ملڪ دشمن جو ڪم آهي: وزيراعظم

ريڊيو پاڪستان ۽ جي ايڇ ڪيو تي حملو پاڪستانيت ۽ حب الوطني نہ پر ڪلي دهشتگردي ۽ ملڪ دشمني آهي، دشمن 75 سالن کان اهو ڪم نہ ڪري سگهيا جيڪو 9 مئي تي ٿيو

## اسان کي اهڙا قدم ڪٽڻا پوندا جنهن سان اهڙو واقعو ٻيهر پيش نہ اچي، قانون موجب ملوث ماڻهن کي سزا ڏني ويندي

اهڙي ڪُڏي حرڪت ۽ شهيدن جي توهين جي هميشہ مذمت ٿيندي رهندي ۽ 9 مئي جو ڏينهن هميشہ ملڪي تاريخ ۾ ڪاري ڏينهن طور ياد رکيو ويندو

## جهڙي طرح دشمنن زيارت ۾ قائد جي گهر تي حملو ڪري ان کي تباهہ ڪيو اهڙي طرح لاهور ۾ بہ جناح هائوس کي باهہ ڏئي ساڙيو ويو

## ڪوبہ پاڪستاني جناح هائوس ۽ جي ايڇ ڪيو تي حملو نٿو ڪري سگهي اهو دهشتگردن ۽ پاڪستان جي دشمنن جو ڪم آهي

## قانون موجب ملوث ماڻهن کي سزا ڏني ويندي، جيئن ڪوبہ اهڙي ڪم جي ٻيهر جرئت نہ ڪري سگهي: ڪوئٽہ ۾ راندين جي قومي مقابلن جي افتتاحي تقريب کي خطاب

ڪوئٽہ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ ڪوبہ پاڪستاني جناح هائوس ۽ جي ايڇ ڪيو تي حملو نٿو ڪري سگهي اهو دهشتگردن ۽ پاڪستان جي دشمنن جو ڪم آهي. شهباز شريف ڪوئٽہ ۾ راندين جي قومي مقابلن جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ 9 مئي تي ملڪ جي تاريخ جو تہ وسرندڙ واقعو پيش آيو جهڙي طرح دشمنن زيارت ۾ قائد جي گهر تي حملو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

# وفاقي سرڪار: چونڊن بابت سُپريم ڪورٽ جو حڪم آئين جي ڀڃڪڙي قرار

## ٻنهي حڪومتن پاران سُپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرايل جواب ۾ فوري چونڊن جي مخالفت ڪئي وئي

## آزاد ۽ شفاف چونڊون ڪرائڻ جي ذميواري اليڪشن ڪميشن وٽ آهي : وفاقي سرڪار

## سُپريم ڪورٽ پاڻ چونڊن جي تاريخ ڏئي اي سي پي جي اختيارن کي بي اثر ڪيو آهي

## 14 مئي تي چونڊن جي تاريخ ڏئي اختيارن جي آئيني ورڇ جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي آهي : چيف سيڪريٽري پنجاب

اسلام آباد (م ڊ) پنجاب جي نگران حڪومت ۽ وفاقي سرڪار چونڊن بابت سُپريم ڪورٽ جي حڪم کي اختيارن جي آئيني ورڇ جي ڀڃڪڙي قرار ڏئي چڏيو ٻنهي حڪومتن پاران سُپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرايل جواب ۾ فوري چونڊن جي مخالفت ڪئي وئي آهيرفاقي سرڪار جواب ۾ چيو آهي تہ آزاد ۽ شفاف چونڊون ڪرائڻ جي ذميواري اليڪشن ڪميشن وٽ آهي. سُپريم ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان اليڪٽرڪ ٻائيڪ ٺاهيندڙ ڪمپني جو وفد ملاقات ڪندي

## آڊيو ليڪس جاچ: عمران خان جوڊيشل ڪميشن کي عدالت ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان آڊيو ليڪس جي جاچ لاءِ بنجندڙ جوڊيشل ڪميشن کي سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان وڪيل بابر اعوان جي حوالي سان سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي جنهن ۾ قانون، انصاف، گهرو وزارت کي ڌر بنايو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

# مڪاني ادارن جا نوان چونڊجي آيل نمائندا پنهنجي، پنهنجي علائقن جي خدمت ڪندا: مراد شاهہ

## اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي تاريخ ۾ پ پ جي جمهوري ادارن کي هٿي ڏيڻ جو ثبوت آهي

## اميد آهي تہ اليڪشن ڪميشن جلد مڪاني ادارن جي چونڊ مڪمل ڪري اختيار چونڊيل نمائندن حوالي ڪندي

## وڏي وزير مراد علي شاهہ مڪاني ادارن جي چونڊيل نمائندن کي قسم ڪڻڻ تي واڌايون ڏنيون

ڪراچي (م ڊ) وڏي وزير مراد علي شاهہ مڪاني ادارن جي نون چونڊيل ميمبرن کي مبارڪباد ڏني آهي. وڏي وزير مراد علي شاهہ مڪاني ادارن جي چونڊيل نمائندن کي قسم ڪڻڻ تي واڌايون ڏنيون آهن ان موقعي تي وڏي وزير مراد علي شاهہ چيو تہ اميد آهي تہ نوان چونڊيل نمائندا سياست کان مٿانهون ٿي ڪري پنهنجي لاڳاپيل علائقن جي خدمت ڪندا. هن چيو تہ اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي تاريخ ۾ پ پ جي جمهوري ادارن کي هٿي ڏيڻ جو ثبوت آهي. سندس چوڻ هو تہ اميد آهي تہ اليڪشن ڪميشن جلد مڪاني ادارن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

# بيهر گرفتار ٿيان تہ ڪارڪن هنگامو نہ ڪن : عمران خان

## ڪارڪن ائين ڪيو تہ پي ڊي ايم کي بيانيو ملي ويندو ۽ ڪارڪن جي هنگامي کي حڪومت ڪريڪ ڊائون لاءِ استعمال ڪندي

## پي ٽي آءِ جي مقبوليت کان ڊنل حڪومت بدامني کي ڪريڪ ڊائون لاءِ استعمال ڪندي

## ڪاميابي جون اڳڪٿيون ڏسي حڪومت پي ٽي آءِ کي ڪرش ڪرڻ چاهي ٿي

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان بيهر گرفتاري جي صورت ۾ ڪارڪنن کي هنگامو نہ ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ عمران خان جو چوڻ هو تہ بيهر گرفتار ٿيان تہ ڪارڪن هنگامو نہ ڪن، ڪارڪنن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

# آرمي چيف پاران 25 مئي تي شهيدن جو ڏهاڙو ملهائڻ جو اعلان

## جنرل هيڊڪوارٽر راولپنڊي ۾ شهيدن ۽ ويڙهاڪن جي اعزاز ۾ تقريب ڪوٺائي وئي

## تقريب ۾ آرمي چيف آپريشن دوران شاندار خدمتن تي آفيسرن ۽ جوانن کي اعزاز سان نوازيو

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آرمي چيف جنرل عاصم منير 25 مئي تي يوم شهيد پاڪستان ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي. پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري شعبي آءِ ايس پي آر موجب جنرل هيڊڪوارٽر راولپنڈي ۾ شهيدن ۽ ويڙهاڪن جي اعزاز ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

لاهور: سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي جناح هائوس جي دوري کانپوءِ نوٽ بڪ تي تاثرات لکي رهيو آهي

# شيرين مزاري آزدي بعد ٻيهر گرفتار

## اڊيالا جيل مان آزاد ٿيڻ بعد شيرين مزاري کي پنجاب پوليس وٺي وئي

## شيرين مزاري جي آزادي جا حڪم لاهور هاءِ ڪورٽ راولپنڈي بئنچ جاري ڪيا هئا

راولپنڈي (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شيرين مزاري کي آزادي بعد ٻيهر گرفتار ڪيو ويو آهي. جيل انتظاميا موجب شيرين مزاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

# اسلام آباد پوليس علي محمد ۽ مليڪ بخاري بابت لاعلمي ظاهر ڪري ڇڏي

## اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ مليڪ بخاري ۽ علي محمد خان جي ٻيهر گرفتاري خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي

## ٻنهي کي جيڪڏهن اڊيالا جيل ۾ رکيو ويو آهي تہ انهن سان ملاقات جو موقعو ڏنو وڃي : وڪيل

## خبر ناهي تہ مليڪ بخاري ۽ علي محمد خان ڪنهن وٽ گرفتار آهن : پوليس

اسلام آباد (م ڊ) پوليس ٻي ٽي آءِ اڳواڻ مليڪ بخاري ۽ علي محمد خان بابت لاعلمي ظاهر ڪري ڇڏي آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ مليڪ بخاري ۽ علي محمد خان جي ٻيهر گرفتاري خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

# آڊيو ليڪس جي جاچ کان پوئتي نہ هٽنداسين: خواجا آصف

## بي شڪ عمران خان ڪميشن جوڙڻ واري فيصلي کي چئلينج ڪري آڊيو ليڪ جو سلسلو هلي رهيو آهي، ممڪن آهي اڳتي بہ ائين ٿئي

## آڊيوز ۾ جيڪي شيون سامهون آيون انهن ۾ اهو ثابت ٿيڻ گهرجي تہ ڪيتري حقيقت آهي

بجاءِ وارو وزير خواجا آصف

اسلام آباد: (م ڊ) بجاءِ واري وزير خواجا آصف چيو آهي تہ آڊيو ليڪس جاچ تان پوئتي هٽنداسين. بي شڪ عمران خان ڪميشن جوڙڻ واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

# ملڪ ۾ سون هزارين رپيا مهانگو ٿي ويو

## سون جي في تولو 2 هزار رپيا مهانگو ٿيڻ بعد 2 لک 37 هزار 300 رپين جو ٿي ويو

## ڏهہ گرام سون جي قيمت 1714 رپيا واڌ بعد 2 لک 3 هزار 446 رپيا آهي

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جوني تولر وڏيڪ 2 هزار رپيا مهانگو ٿي ويو آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب سون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

# وڏي وزير جي خصوصي معاون سيد قاسم نويد قمر جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد

## اجلاس دوران ملير ايڪسپريس وي جي تعمير بابت جائزو ۽ بريفنگ ڏني وئي

## ملير ايڪسپريس وي مڪمل طور تي ماحول جي لحاظ کان محفوظ منصوبو آهي: قاسم نويد

## ملير ايڪسپريس وي جي اڏاوت ۾ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جو ڪو بہ ڪردار ناهي

ڪراچي (رپورٽر) انوسٽمينٽ اينڈ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ يونٽ بابت وڏي وزير جي خصوصي معاون سيد قاسم نويد قمر جي صدارت هيٺ اهم اجلاس اڄ سنڌ سيڪريٽريٽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ يونٽ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: وڏي وزير جي خصوصي معاون سيد قاسم نويد قمر جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

## غربت ۽ بيروزگاري سبب 4 ٻارن جي پيءُ خودڪشي ڪري ڇڏي

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊو غلام حيدر پرسان غربت بک ۽ بيروزگاري سبب 4 ٻارڙن جي پي 40 ورهين جي پورهيت مسڪين پرور ڪولهي مبينا طور گهر اندر ڦاهو ڪائي آپگهات ڪري ڇڏيو وارثن موجب فوتي جي زال ڪافي وقت کان بيمار رهندي آهي جنهن جي علاج ڪرائڻ لاءِ هو سخت پريشان هو جنهن سبب مجبورن ڪيس انتهائي قدم ڪٽي خودڪشي ڪرڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

# پرتشدد مظاهرن ۾ ملوث وڳوڙين خلاف ڪريڪ ڊائون، راولپنڈي مان 514 جوابدار گرفتار

## راولپنڈي ريجن جي چئن ضلعن مان 514 جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن : آر پي او

## ضلعي اٽڪ، جهلم راولپنڈي ۽ چڪوال مان 27 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

راولپنڈي (م ڊ) 9 مئي تي ٿيندڙ پرتشدد مظاهرن ۾ ملوث وڳوڙين جي گرفتارين جو سلسلو جاري آهي. راولپنڈي ريجن جي چئن ضلعن مان 514 جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن. آر پي او سيد خرم علي موجب راولپنڈي ريجن جي چئن ضلعن مان 514 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

# بخشاپور ۾ ڏاڙيلن جو پوليس موبائيل تي حملو، 2 اهلڪار شهيد

## بخشاپور تاڻي جو وڏو منشي مقصود بنگلاڻي ۽ هڪ پوليس اهلڪار ادب حسين سميت 2 ڄڻا ڌڙي تي شهيد ٿي ويا

## زخمي پوليس اهلڪار کي ڪنڊڪوٽ اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن تہ هٿياربند فائرنگ ڪندي آساني سان فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

## زخمي ٿيندڙ پوليس اهلڪار جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي جنهن کي ڪنڊڪوٽ مان سڪر اسپتال منتقل ڪيو ويو : پوليس

بخشاپور (رپورٽر) بخشاپور پرسان گوٺ سومر لاڙو وٽ ڏاڙيلن پوليس موبائيل تي حملو ڪري فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ بخشاپور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

# ايف آئي اي اينٽي مني لانڊرنگ سيل جو اسد عمر کي نوٽيس

## ايف آئي اي اينٽي مني لانڊرنگ سيل اسد عمر کي نوٽس اماڻي ڇڏيو

## اسد عمر کي 25 مئي تي دستاويزي ثبوتن سان پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ايف آئي اي اينٽي مني لانڊرنگ سيل پي ٽي آئي جي اڳواڻ اسد عمر کي نوٽس جاري ڪندي 25 مئي تي پيش ٿيڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

# جناح هائوس ۽ جي ايڇ ڪيو تي حملو ڪرڻ واري ٽولي کي سزا ڏيڻ جو مطالبو

## ڪوئٽہ ۾ راندين جي قومي مقابلن جي افتتاحي تقريب ۾ وزيراعظم شهباز شريف جو خطاب

## ڪوئٽہ ۾ راندين جي قومي مقابلن جي افتتاحي تقريب ۾ وزيراعظم شهباز شريف جو خطاب

## ڪوئٽہ ۾ راندين جي قومي مقابلن جي افتتاحي تقريب ۾ وزيراعظم شهباز شريف جو خطاب

# چوڌري وجاهت حسين پي ٽي آءِ ڇڏي (ق) ليگ ۾ واپسي جو اعلان ڪري ڇڏيو

## هن وقت پورو پاڪستان فوجي ٽڪاڻن تي حملن جي مذمت ڪري رهيو آهي : چوڌري وجاهت

## اسان جي فيملي جو ڪڏهن بہ اهڙو رويو نہ رهيو آهي مون ڪڏهن بہ ڪنهن ٻئي پارٽي ۾ شموليت ناهي ڪئي

## منهنجي مٿان داخل ڪيل ڪيس ڪوڙا هئا انهن جو حقيقت سان ڪوبہ تعلق نہ هو منهنجي خلاف ڪيس ميرٽ تي هلندا

لاهور (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ (ق) جي صدر چوڌري وجاهت حسين پي ٽي آءِ ڇڏي (ق) ليگ ۾ واپسي جو اعلان ڪري ڇڏيو رپورٽ موجب لاهور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پي ٽي آءِ اڳواڻ چوڌري وجاهت حسين

## سنڌ جو اڳوڻو گورنر عمران اسماعيل جوڊيشل ريمانڊ تي جيل روانو

## منهنجي مٿان پارٽي ڇڏڻ لاءِ ڪوبہ دٻاءُ نہ آهي : عمران اسماعيل

## آفتاب صديقي پنهنجي مرضي جو مالڪ آهي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي دهشتگردي جي آنت واري عدالت سنڌ جي اڳوڻي گورنر عمران اسماعيل کي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل اماڻي چڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

# سنڌ صوبي پاڪستان ۾ پهريون فوڊ فورٽيفڪيشن بل منظور ڪري ورتو آهي: آغا فخر حسين

## نيوٽريشن انٽرنيشنل تيل ۽ چڪنائي جي معيار جو تجزيو ڪرڻ لاءِ جديد ۽ قيمتي سامان فراهم ڪيو آهي

## سوشل ميڊيا پليٽ فارم جي پڪيڙ سان اسان پيغام ڪي وڏي پيماني تي پڪيڙي سگهون ٿا

## سنڌ جي مثال تي بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهہ بہ اهڙا بل پاس ڪيا آهن: ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين چيو آهي تہ سنڌ پاڪستان جو پهريون صوبو آهي جنهن فوڊ فورٽيفڪيشن بل پاس ڪيو سنڌ اسيمبلي 25 نومبر 2021 تي بل جي منظوري ڏني ۽ 17 ڊسمبر 2021 تي اهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16



ڪراچي: ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين شيلڊ ڏئي رهيو آهي

# جوڊيشل ڪميشن آڊيو ليڪس جي فرانزڪ ٽيسٽ ڪرائڻ ۽ ڪارروائي پبلڪ ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو

## اجلاس ڪميشن جي سربراهہ ۽ سپريم ڪورٽ جي سينئر جج جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو

## جوڊيشل ڪميشن اٿارٽي جنرل ڪان سمورن آڊيوز جا ٽرانسڪرپٽ طلب ڪري ورتا

اسلام آباد (م ڊ) آڊيو ليڪس تي قائم ٿيل جوڊيشل انڪوائري ڪميشن ليڪ ٿيل آڊيو جي جاچ شروع ڪندي سمورن آڊيوز جي فرانزڪ ٽيسٽ ڪرائڻ ۽ ڪارروائي عام اڏو اٽڪ جو اعلان ڪري ڇڏيو رپورٽ موجب آڊيو ليڪس جوڊيشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

# پي پي جو ميئر بنائڻ جو خواب پورو نہ ٿيندو: حافظ نعيم

## پيپلزپارٽي چاهي ٿي تہ هي شهر جنهن تي پهريان ئي ڦرلٽ ڪرپشن ڪري رهيا آهن

## پيپلزپارٽي جو هي ٽريڪ رڪارڊ آهي 1977 ۾ پيپلزپارٽي ميئريت تسليم نہ ڪيو ۽ ملڪ توڙي ڇڏيو

## اليڪشن ڪميشن تہ پيپلزپارٽي جي اي ٽي ايم بٽيل آهي اسان جي ملازمت ڪندڙ اسان جي ئي ميئريت کي ڪائي رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي تہ پيپلزپارٽي جو ميئر بنائڻ جو خواهہ پورو نہ ٿيندو ڪراچي ۾ صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

# سنڌ جي مڪاني چونڊن ۾ ڪامياب ٿيل نمائندن حلف ڪڻي ورتو

## پي ٽي آءِ جو ڪو بہ چونڊيل نمائندو حلف ڪڻڻ لاءِ تقريب ۾ نہ پهتو

## پيپلز پارٽي اڃا تائين ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ميئر جو حتمي فيصلو نہ ڪري سگهي

ڪراچي (نمائندن وٽان) سنڌ ۾ مڪاني ادارن جا 10 هزار چونڊيل نمائندا پنهنجي عهدن جو حلف ڪڻي رهيا آهن جنهن ۾ ڪراچي ڊويزن جا 1200 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

## فردوس شميم نقوي کي ميڊيڪل بورڊ جي سامهون پيش ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) عدالت تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فردوس شميم نقوي کي ميڊيڪل بورڊ سامهون پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي چڏيو عمران خان جي گرفتاري تي احتجاج دوران وڳوڙن واري ڪيس ۾ فردوس شميم نقوي جي درخواست ضمانت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

# عمران خان کي نہ ڇڏبو: مونس الاهي/پرويز

## چوڌري وجاهت حسين سان رابطي ۾ نہ آهيان

## چوڌري پرويز الاهي ۽ هو تحريڪ انصاف جو حصو آهن

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير مونس الاهي چيو آهي تہ والد پرويز الاهي ۽ هو عمران خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: نائب وزير وفاقي وزير اسحاق ڊار قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سان ملاقات ڪندي

# ڪراچي ۾ پي ٽي آءِ جا 5 بلدياتي نمائندا گرفتاري بعد آزاد

## يرسي 8 مان چيئرمين محمد سلمان ۽ يوسي 6 مان چيئرمين وسيم شيرازي کي گرفتار ڪيو ويو

## پوليس ٻن چونڊيل نمائندن کي حلف ڪڻڻ بعد گرفتار ڪيو : ترجمان

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي صدر ٽائون مان پي ٽي آءِ جي وڏيڪ ٻن مقامي نمائندن کي گرفتار ڪيو ويو. ڪراچي جي ترجمان موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

# ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريليون

## پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا هٿي اسٽيشن روڊ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

## پيپلز پارٽي، مانسنگ ٽاڪر ۽ ٻين چيو تہ پاڪ فوج ملڪ جي سرحدن جي حفاظت ڪري ٿي : اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) ٽنڊو محمد خان ۾ مختلف سماجي تنظيمن انٽرنيشنل هيومن رائيٽس پاڪستان، سماجي ساٿ فلاحي تنظيم، آل پاڪستان ٽاڪر اتحاد پاران پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا هٿي اسٽيشن روڊ کان پريس ڪلب تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ٽنڊومحمد خان: پاڪ فوج جي حمايت ۾ ٽڪٽل ريلي جو ڏيک

# سرحد پرسان مزدا جو موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر، هڪ عورت چيائجي فوت

## روڊ حادثي ۾ ٽڪر هڪ عورت 29 سالا مائي اشرا زال ڪامران عباسي فوت ٿي

## ٽي سالا معصوم نيگر حسنين، عبدالرحمان ۽ مائي ياسمين عباسي سخت زخمي ٿي پيا

سرحد (رپورٽر) سرحد پرسان مزدا جو موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر، هڪ عورت چيائجي فوت ٿي وئي، معصوم ٻارسميت ٽي ڄڻا سخت زخمي، سرحد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ڊرائيور کي مزدا سميت گرفتار ڪري ورتو ۽ زخمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

بخشاپور: ڏاڙيلن سان مقابلي لاءِ ڪچي ڏانهن پوليس موبائيلون روانيون ٿي رهيون آهن

# ڏيئي لڳ اسڪول جي عمارت نہ ٺهرائڻ جي صورت ۾ پوليو مهم جو ٻيهر بائيڪاٽ

## اسڪول جي عمارت لاءِ ڏيئي شهر ۾ شهيد فاضل راهو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو

## عمارت نہ ٺهرائڻ جي صورت ۾ ايندڙ پوليو مهم جو ٻيهر بائيڪاٽ ڪيو ويندو: مظاهرين

## 12 سالن کان اسين اس برسات توڙي سردي ۾ ڪلئي آسمان تعليم پرائڻ تي مجبور آهيون

ٽنڊوباگو (سهيل سمون) ڏيئي لڳ گوٺ ميٺان جي اسڪول جي شاگردن رميش ڪمار ڪرن ڪمار آصف علي واڀور محمد بخش درس راشد علي درس ۽ ٻين اسڪول جي عمارت لاءِ ڏيئي شهر ۾ شهيد فاضل راهو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊوباگو: گوٺ ميٺان جي اسڪول جا شاگرد احتجاج ڪري رهيا آهن

### عمران خان 9 مئي تي انتشار پکيڙي ملڪ خلاف خطرناڪ سازش ڪئي: خورشيد ميراڻي

سڪر (رپورٽ:امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان مسلم ليگ ن سڪر ضلعي جي صدر خورشيداحمد ميراڻي چيو آهي تہ عمران خان 9 مئي تي انتشار پکيڙي ملڪ خلاف گهناؤني سازش ڪئي. پي ٽي آءِ دهشتگرد ماڻهن جي جماعت آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن ن ليگ ضلعي سيڪريٽري ۾ ڪارڪنن سان گالهائڻ دوران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

# ٺٽو ۾ ٺٽي جو هيڊ ڪوارٽر مڪلي ۾ چوري جي وڌندڙ واردات سبب شهري پريشان

## چوري جي وڌندڙ واقعن سبب واپاري برادري سميت شهري بہ عدم تحفظ جو شڪار ٿي ويا

## چور ٺٽي جي مين اسٽاپ تي هڪ دڪاندار مظفر بروهي جي دڪان جا تالا توڙي سامان کڻي ويا

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ جي ٻن تاريخي ۽ جاڙن شهرن ٺٽو ۽ ٺٽي جو هيڊ ڪوارٽر مڪلي ۾ چوري جي وڌندڙ واردات سبب شهرين سميت واپاري برادري سخت پريشان ٺٽي ۽ مڪلي ۾ چوري جي وڌندڙ واقعن سبب واپاري برادري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

# امجد احمد شيخ جي ايس ايس پي آفيس شڪارپور آمد، عملدارن پاران بريفنگ

## امجد احمد شيخ ضلعي شڪارپور جي چارج سنڀالي ورتي، شاندار آجيان ڪئي وئي

## مون کي اميد آهي تہ اوهان سڀ وڏيڪ محنت سان اداري جي نالي کي روشن ڪندا: امجد احمد

شڪارپور (رپورٽ:عبدالخالق سومرو) ايس ايس پي شڪارپور امجد احمد شيخ شڪارپور پهچي ايس ايس پي جي چارج سنڀالي ورتي. ايس ايس پي شڪارپور امجد احمد شيخ کي پوليس جي چاڪ ۽ چوبند دستي سلامي ڏني. ايس ايس پي سلامي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

شڪارپور: ايس ايس پي امجد شيخ آفيس اچي رهيو آهي

# محراڀپور ۾ جونيئر ڪلرڪ پاران پرسنل فائيل ۽ 60 هزار جو چونو لڳائڻ جو انڪشاف

## محمد دين خاصخيلي کي پگهارون چالو ڪرائي ٻهاني پرسنل فائيل سميت 60 هزار روپيا اوڳاڙيا

## ليب اٽينڊنٽ محمد دين خاصخيلي جي پگهار بحال ٿي نہ وري علي گل راجپوت فائل يا پيسا موٽائي ڏنا

محراڀپور (مجاهد علي سامتيو) برائٽ ڊگري ڪاليج محراڀپور جو جونيئر ڪلرڪ علي گل راجپوت پگهار چالو ڪرائڻ ٻهاني پرسنل فائيل ۽ 60 هزار جو چونو لڳائي ويو: ليب اٽينڊنٽ محمد دين خاصخيلي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج برائٽ محراڀپور جي جعلي ڊگرين تي پرتي ٿيل جونيئر ڪلرڪ علي گل راجپوت بابت انڪشافن ۾ ڪمي نہ آئي، ٻڌايو پيو وڃي تہ 2011 ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

# ڪنڌڪوٽ ۾ شهرين پاران بدامني خلاف ۽ ثمرت ڪمار جي اغوا خلاف احتجاجي مظاهرو

## محروم طبقي ۽ سياسي سماجي اڳواڻن جي سڏ تي شٽربند هڙتال مڪمل ڪاروبار بند رهيو

## نوجوانن ۽ شهر جي سياسي سماجي تنظيمن جي سڏ تي شهر ۾ مڪمل شٽربند هڙتال رهي

## ضلعي اندر بدامني جي ٻاهہ ٻري آهي انهي تي ڪنٽرول ڪري امن امان قائم ڪرايو وڃي :مظاهرين

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ:امداد بنگولر) ڪنڌڪوٽ ۾ بدامني خلاف شٽر بند هڙتال ڪئي وئي آهي. شهر جا مڪ ڪاروباري مرڪز مڪمل طور بند آهن شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف سياسي، سماجي توڙي مذهبي جماعتن ۽ واپارين جي سڏ تي شهر ۾ ڪاروبار بند ڪري احتجاج رڪارڊ ڪرايو پيو وڃي اڳواڻن جو چوڻ آهي تہ پوليس شهرين جو تحفظ ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪنڌڪوٽ: اغواٿي ويل معصوم ثمرت ڪمار جي بازيابي لاءِ شٽربند هڙتال جو ڏيک

### چيئرمين وائيس چيئرمين ۽ ڪونسلرن کي مبارڪ باد پيش ڪيون ٿا: مختيار علي ابڙو

ڪراچي (رپورٽ) ڪياماڙي ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر مختيار علي ابڙو چيو آهي تہ هو مڪاني چونڊن ۾ چونڊجي آيل چيئرمين وائيس چيئرمين ۽ ڪونسلرن کي مبارڪ باد پيش ڪن ٿا جن اڄ حلف کنيو آهي ميڊيا سان گالهائيندي ڪياماڙي ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر مختيار علي ابڙو چيو هن سنڌ حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

# مانجهند تعلقي لاڪڙا ڪول فيلڊ جي ڪمپنين ۾ من پسند ماڻهن کي ٺيڪا ڏئڻ جو انڪشاف

## 100 کان وڌيڪ ٺيڪيدارن کي بنا ڪنهن اخباري اشتهار ضابطن قائدن جي ابتڙ ٺيڪا ڏنا ويا

## ٺيڪيدارن ۾ اڪثريت ڌارين ماڻهن سان گڏ ڪجہ مقامي بااثر پڻ شامل، ڪوٺائي شروع ڪرائي ڇڏي

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) مانجهند تعلقي جي لاڪڙا ڪول فيلڊ جي مختلف ڪمپنين ۾ قائدن ضابطن جي ابتڙ من پسند ماڻهن کي ٺيڪا ڏئڻ جو انڪشاف انساني زندگيون داءُ تي لڳل تفصيل موجب مانجهند تعلقي جي لاڪڙا ڪول فيلڊ جي تڪراري فتح ڪوٺلا ڪمپني ۽ واڀڙا ڪوٺلا ڪمپنين ۾ گجہ گوہ ۾ 100 کان وڌيڪ ٺيڪيدارن کي بنا ڪنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

# نوشهرو فيروز سول اسپتال جي ڊائلاسز سينٽر تي حملو ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

## بليڪ ميلر ٽولي طرفان اسپتال جي انتظاميہ ۽ عملي خلاف پروپيگنڊا ڪرڻ خلاف ريلي

## اڳواڻي ڊاڪٽر عارف ٻوهيو ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي ڊاڪٽر عبدالفتاح راڄپر ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

## بليڪ ميلر ڪوڙيون خبرون هلائي پرامن ماحول خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن: مظاهرين

نوشهروفيروز (ڊ ر) سول اسپتال نوشهروفيروز جي ڊائلاسز سينٽر تي حملو ڪرڻ ۽ بليڪ ميلر ٽولي طرفان اسپتال جي انتظاميہ ۽ عملي خلاف پروپيگنڊا ڪرڻ خلاف سول اسپتال ڪان پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز: سول اسپتال تي ٽيل حملي خلاف ڊاڪٽر احتجاج ڪري رهيا آهن

### ريسٽ هائوس نئون ديرو ۾ شهيد بخشل خان منگي جي پهرين ورسي تقريب ٿي گذري

نئون ديرو (شاد محمود پٺو) ريسٽ هائوس نئون ديرو ۾ شهيد بخشل خان منگي جي پهرين ورسي سندس پٽن ظفيل احمد منگي، ظاهر علي منگي، توفيق احمد منگي ۽ پائرن ۽ مٽن مائٽن بشير احمد منگي، عبدالرشيد منگي، برڪت منگي ۽ منگي برادري پاران خيرات ڦي سبيل الله جو بندوبست ڪيو ويو سندس جي مزار تي حاضري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

# ڪشمور انڊريو چونڊ جي آيل مڙهني ٻسترڪٽ ڪائونسل جي عهديدارن جي حلف برداري

## عهديدارن جي حلف برداري جي مڪ تقريب ڪنڌڪوٽ ڊسترڪٽ ڪامپليڪس اندر ٿي

## ميونسپل ڪميٽي جي 16 ميمبران کي ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور منور علي مڻياڻي حلف ڪڻايو

ڪنڌڪوٽ (غالب بلوچ) سڄي سنڌ جيان ڪشمور ضلعي اندر بہ چونڊجي آيل مڙهني ڊسترڪٽ ڪائونسل جي 41 ميمبر ميونسپل ڪميٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

# نئون ڪوٽ پرسان پوليس جي مبينا جڙتو مقابلي ۾ مارجي ويل نوجوان جي ورسي تقريب منعقد

## گوٺ ستار چانديو ۾ ڪراچي سڪن ٽائي جي پوليس ۽ نئون ڪوٽ پوليس پاران نوجوان ماريو ويو هو

## اڄ 3 هين ورسي جي موقعي تي وارثن پاران آخري آرام گاهہ تي گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري وئي

## خون سان انصاف تہ نہ ٿيو پر نصير چانديو جا وارث اڄ بہ ڪوڙن ڪيسن کي منهن ڏئي رهيا آهن: اڳواڻ

نئون ڪوٽ (رپورٽ) نئون ڪوٽ پرسان 3 سال اڳ پوليس جي مبينا جڙتو مقابلي ۾ قتل ٿيل نوجوان نصير چانديو جي خون سان انصاف نہ ٿيو وارث 4 هين ورسي تي لڙڪ لاڙي ويٺا. خبر موجب 3 سال اڳ نئون ڪوٽ پرسان گوٺ ستار چانديو ۾ ڪراچي سڪن ٽائي جي پوليس ۽ نئون ڪوٽ پوليس پاران رات جي اونداهي ۾ گوٺ تي چڙهائي ڪري مبينا جڙتو مقابلي جا ٿائي نوجوان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نئون ڪوٽ: مقتول نصير چانديو جا وارث سندس قبر تي گل نچاور ڪري رهيا آهن

### ٽنڊو محمد خان ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ ڊسترڪٽ ڪائونسل جي ميمبرن جي تقريب

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ضلعي ٽنڊو محمد خان جي مڪاني چونڊن ۾ ڪاميابي ٿيندڙ 196 نمائندن جي اڄ ڊي سي ڪامپليڪس ۾ حلف برداري تقريب منعقد ٿي . حلف برداري تقريب ۾ ڊسترڪٽ ڪائونسل جي نون چونڊيل نمائندن کي ڊسترڪٽ ريٽرننگ آفيسر/ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

# گهوٽڪي جي نيشنل هاءِ وي تي ٽرڪ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، عورت فوت

## ڪارو گهٽ وٽ ٽرڪ جي ٽڪر لڳڻ مسمات عشره عباسي ٽڏي تي فوت ٿي وئي

## ٽن سالن جو معصوم نينگر حسنين، عبدالرحمن عباسي ۽ مسمات ياسمين زخمي

سرحد (رپورٽ:غلام عباس مهر) سرحد پرسان مزدا جو موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر، هڪ عورت چيائجي فوت ٿي وئي، معصوم ٻار سميت ٽي ڇٽا سخت زخمي، سرحد پوليس واقعي واري هنڌ ٻهچي ڊرائيور کي مزدا سميت گرفتار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

# شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي ڊي سي پاران سيميسٽر جي امتحانن جو دورو ڪيو

## شعبن ۾ جاري تعليمي سال 2023 جي پهرين سيميسٽر جي امتحانن جو دورو ڪيو

## بهتر اعلي تعليم حاصل ڪري ملڪ جي ترقي ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪيو وڃي

سڪر (رپورٽ:امداد علي گل ڪلوڙ) شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو يونيورسٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سڪر: شاهہ لطيف يونيورسٽي جو وي سي امتحانن جو جائزو وٺي رهيو آهي

# ڪنڌڪوٽ ويجهو ڏاڙيلن پوليس موبائل تي حملو، وڏي منشي سميت 2 اهلڪار شهيد

## مارجي ويل بدنام ڏاڙيل شريف بنگوار جي پلاٽ ۾ پوليس موبائل تي هٿياربندن حملو ڪيو

## اهلڪارن ۽ هٿياربندن ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ تي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران مقصود بنگلاڻي شهيد

## هيڊ ڪانسٽيبل ادب حسين جڪراڻي شهيد تي ويا، شهيدن جا مڙهہ ۽ زخمين کي اسپتال نيو ويو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ) ڪنڌڪوٽ ويجهو ڏاڙيلن پوليس موبائل تي حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ بخشا پور ٿاڻي جي وڏي منشي سميت 2 اهلڪار شهيد ٿي ويا پڌايو پيو وڃي تہ ڪجهہ مهينا اڳ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل بدنام ڏاڙيل شريف بنگوار جي پلاٽ ۾ پوليس موبائل تي هٿياربندن حملو ڪيو جنهن دوران اهلڪارن ۽ هٿياربندن ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي فائرنگ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

# سنڌين جي مخالفت باوجود غير قانوني ڊجيٽل آدمشماري جي مذمت ڪريون ٿا: صنعان قريشي

## آدمشماري جا نتيجا سنڌ جي وجود خلاف ٿيندڙ سازشن جو حصو آهن، جنهن کي مڪمل رد ڪيون ٿا

## وفاق ۾ اقتدار جي رسا ڪشي ۾ سنڌ جي وسيلن ۽ سنڌي ماڻهن جي توانائي استعمال ڪئي پئي وڃي

## بشير قريشي جي اختيار ڪيل واٽ تي هلي سنڌ ۾ سڳاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ هر گوٺ هر شهر ۾ هلي ويندا سين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ غير قانوني ڊجيٽل آدمشماري سنڌين جي سخت مخالفت باوجود سرڪار پنهنجي ڏاڍ جي بنياد تي وقت کان پهرين اتحادي پارٽين جي چوڻ تي ڪرائي! جنهن جا نتيجا سنڌ جي وجود خلاف ٿيندڙ سازشن جو حصو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪراچي: جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

### هائي ويز ايمپلائيز يونين سي بي اي سڪر سنڌ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

سڪر (رپورٽ:امداد علي گل ڪلوڙ) هائيويز ايمپلائيز يونين سي بي اي سڪر سنڌ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ڊويزنل آفيس سڪر مان احتجاجي ريلي ڪڍي ڊسٽرڪٽ روڊس آفيس ٻاهران مظاهرو ڪري مطالبن جي حق ۾ نعري بازي ڪئي ريلي جي اڳواڻي ڊويزنل صدر سڪر غلام شبير پتو ڊويزنل جنرل سيڪريٽري سڪر زاهد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

# ٽنڊو غلام حيدر پرسان غربت بک ۽ بيروزگاري سبب 4 ٻارڙن جي ٻي ۽ انت آندو

## بيروزگاري سبب 4 ٻارڙن جي ٻي 40 ورهين جي پورهيت مسڪين پورو آپگهات ڪيو

## لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پورهيت پورو ڪولهي جو لاش گهر پهچندي ڪهرام مچي ويو

ٽنڊو غلام حيدر (ن س) ٽنڊو غلام حيدر پرسان غربت بک ۽ بيروزگاري سبب 4 ٻارڙن جي ٻي 40 ورهين جي پورهيت مسڪين پورو ڪولهي مبينا طور گهر اندر قاهو ڪائي آپگهات ڪري ڇڏيو وارثن موجب فوتي جي زال ڪافي وقت کان بيمار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

# بدين ڊسترڪٽ ڪائونسل جي چونڊيل ميمبرن، ميونسپل ڪميٽي جي عهديدارن جي تقريب

## ڊسترڪٽ ڪائونسل هال بدين ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نجيب الرحمان جمالي حلف ڪڻايو

## جنرل ڪائونسلر، ٽائون ڪميٽي ڪڍڻ ۽ ٽائون ڪميٽي ٽنڊو جي ڪائونسلرن کي پڻ حلف ڪڻايو

ٽنڊوباگو (رپورٽ:سهيل سمون) ڊسترڪٽ ڪائونسل جي چونڊيل ميمبرن، ميونسپل ڪميٽي بدين ۽ ميونسپل ڪميٽي ماتلي جي چونڊيل ميمبرن کي ڊسترڪٽ ڪائونسل هال بدين ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نجيب الرحمان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊوباگو: اي سي بلدياتي چونڊن ۾ ڪاميابہ اميدوارن کي حلف ڪڻائي رهيو آهي

# ڪنڌڪوٽ ۾ شهرين پاران بدامني خلاف ۽ ثمرت ڪمار جي اغوا خلاف احتجاجي مظاهرو

## محروم طبقي ۽ سياسي سماجي اڳواڻن جي سڏ تي شٽربند هڙتال مڪمل ڪاروبار بند رهيو

## نوجوانن ۽ شهر جي سياسي سماجي تنظيمن جي سڏ تي شهر ۾ مڪمل شٽربند هڙتال رهي

## ضلعي اندر بدامني جي ٻاهہ ٻري آهي انهي تي ڪنٽرول ڪري امن امان قائم ڪرايو وڃي :مظاهرين

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ:امداد بنگولر) ڪنڌڪوٽ ۾ بدامني خلاف شٽر بند هڙتال ڪئي وئي آهي. شهر جا مڪ ڪاروباري مرڪز مڪمل طور بند آهن شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف سياسي، سماجي توڙي مذهبي جماعتن ۽ واپارين جي سڏ تي شهر ۾ ڪاروبار بند ڪري احتجاج رڪارڊ ڪرايو پيو وڃي اڳواڻن جو چوڻ آهي تہ پوليس شهرين جو تحفظ ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04


ڪنڌڪوٽ: اغواٿي ويل معصوم ثمرت ڪمار جي بازيابي لاءِ شٽربند هڙتال جو ڏيک

### چيئرمين وائيس چيئرمين ۽ ڪونسلرن کي مبارڪ باد پيش ڪيون ٿا: مختيار علي ابڙو

ڪراچي (رپورٽ) ڪياماڙي ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر مختيار علي ابڙو چيو آهي تہ هو مڪاني چونڊن ۾ چونڊجي آيل چيئرمين وائيس چيئرمين ۽ ڪونسلرن کي مبارڪ باد پيش ڪن ٿا جن اڄ حلف کنيو آهي ميڊيا سان گالهائيندي ڪياماڙي ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر مختيار علي ابڙو چيو هن سنڌ حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

# ٽنڊو محمد خان ۾ ڪامياب ٽيل نون چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري تقريب

## ٽائون ميمبرن سميت يونين ڪائونسل جي چيئرمينن، وائيس چيئرمينن ۽ ميمبرن حلف ڪڻي ورتو

## ميونسپل ۽ ٽائون ميمبرن ۽ يونين ڪائونسلن جي چيئرمينن، وائيس چيئرمينن ۽ ميمبرن حلف ڪڻي ورتو

## اسسٽنٽ ڪمشنر نٽو انيس احمد عباسي نون چونڊيل نمائندن کي حلف ڪڻايو، انتظام سخت ڪيا ويا هئا

گهارو (بشار جوڪيو) بلدياتي اليڪشن ۾ سوپ ماڻيندڙ يونين ڪائونسل جي چيئرمين وائيس چيئرمين تعلقي ميرپور ساڪرو جي يونين ڪائونسل ۽ ٻن ٽائون ڪميٽي جي ساڪرو اقبال احمد تنيو قسم ڪڍايو هڪ يونين ڪائونسلر ڏاڍيجي آزاد اميدوار کٽي ۽ ٽائون ڪميٽي ساڪرو جي ٻن ميمبرن هڪ پ ٻ هڪ آزاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

# ڪنڌڪوٽ ۾ شهرين پاران بدامني خلاف ۽ ثمرت ڪمار جي اغوا خلاف احتجاجي مظاهرو

## محروم طبقي ۽ سياسي سماجي اڳواڻن جي سڏ تي شٽربند هڙتال مڪمل ڪاروبار بند رهيو

## نوجوانن ۽ شهر جي سياسي سماجي تنظيمن جي سڏ تي شهر ۾ مڪمل شٽربند هڙتال رهي

## ضلعي اندر بدامني جي ٻاهہ ٻري آهي انهي تي ڪنٽرول ڪري امن امان قائم ڪرايو وڃي :مظاهرين

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) گذريل رات ڪنڌڪوٽ جي مرزا پور محلي مان اغوا ٿيل معصوم ثمرت ڪمار ۽ ڊپٽي هوٽل وتان اغوا ٿيل ڪار سوار گولو برادري جي ٻن جڻن جي اغوا واري معاملي تي عوام ۾ خوف جي لهر چانهيل پيپلزپارٽي ضلعي ڪشمور جي جنرل سيڪريٽري ميرالطاف احمد خان ڪوسو مغوين جي وارثن وٽ پهچي همدردي جو اظهار ڪندي روڊ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

غوثپور: اغوا ٿي ويل معصوم نينگر ثمرت ڪمار جي بازيابي احتجاج ڪيو پيو وڃي

### تعلقي خانڪڙهہ جي 6 يونين ڪائونسلن ۽ ٽائون ڪميٽي جي عهديدارن جي تقريب

خانپورمهر (آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ تعلقي خانڪڙهہ جي 6 يونين ڪائونسلن ۽ ٽائون ڪميٽي جي 6 وارڊن تي ڪاميابہ ٽيل اميدوارن کان حلف ورتو ويو. خبرموجب، خانپورمهر جي روينيو آفيس ۾ بلدياتي اليڪشن ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ اميدوارن جي حلف برداري تقريب ٿي گذري. جنهن ۾ اسسٽنٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

# ٽنڊو غلام حيدر پرسان گوٺ فتوحل زرداري جي رهواسي پاران ماڻهن جي ظلم خلاف احتجاج

## عبدالوحيد زرداري پنهنجي ٿي گوٺ جي رهواسين زرداري برادري جي خلاف مظاهرو ڪيو

## خليل زرداري، نڊير، لطيف زرداري ۽ ٻين مون تي حملو ڪري سخت زخمي ڪيو: عبدالوحيد زرداري

نواب شاهہ (رپورٽ:اي ڪي ڏاهري) قاضي احمد پرسان گوٺ فتوحل زرداري جو رهواسي عبدالوحيد زرداري پنهنجي ٿي گوٺ جي رهواسين زرداري برادري جي ماڻهن جي ظلم ۽ زيادتين خلاف بينظيرآباد پريس ڪلب پهچي دانهيندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

# پ پ (ش پ) پارٽي جي سينيئر اڳواڻ يوسف جان سرهندي جي لاڏاڻي تي تعزيت

## رشيد رند، جنرل سيڪريٽري طارق سيال، محمد علي ميرجت لياقت عمراڻي ۽ ٻين ڏک وڏيو

## يوسف جان سرهندي مرتضي جو سچو سپاهي هو، هو هميشہ جدوجهد جي صورت ۾ زنده رهندو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي (شهيد ٻٽو) پارٽي جي سينيئر اڳواڻ پير يوسف جان سرهندي جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي جنهن ۾ رشيد رند، جنرل سيڪريٽري طارق سيال، محمد علي ميرجت لياقت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

# نئون ڪوٽ ۾ بلدياتي ڪاتي جي چونڊيل اميدوارن کي حلف ڪڻڻ واري تقريب منعقد

## ٻن ٽائون ڪميٽيز ۽ 8 يونين ڪائونسل جي چونڊيل ميمبرن جي حلف برداري ٿي گذري

## مجموعي طور 68 ميمبرن کي پرزائيڊنگ آفيسر اسسٽنٽ ڪمشنر جهڏو ريحان ڏيڻو حلف ڪڻايو

نئون ڪوٽ (رپورٽر) اليڪشن ڪمشن آف پاڪستان جي حڪم تي 22 مئي تي بلدياتي ڪاتي جي چونڊيل اميدوارن کي حلف ڪڻڻ واري نوٽيفڪيشن تحت تعلقي جهڏو جي ٻن ٽائون ڪميٽيز ۽ 8 يونين ڪائونسل جي چونڊيل ميمبرن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نئون ڪوٽ: اي سي بلدياتي چونڊن ۾ ڪاميابہ ٽيل اميدوارن کي حلف ڪڻائي رهيو آهي

# سنڌين کي ڪراچي جا ڊوميسائيل نہ ڏيڻ واري پٽيشن هاءِ ڪورٽ مان رد

## ايم ڪيو ايم اڳواڻ خواجہ اظهار الحسن پاران ڊوميسائيل نہ ڏيڻ بابت پٽيشن داخل ڪرائي هئي

## هاءِ ڪورٽ پاران ڊوميسائيل ٺاهي ڏيڻ خلاف ڪيس جي چئن سالن تائين هلندڙ پڌٽي ۽ جو فيصلو پڌايو ويو

## نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو مرڪزي صدر ممتاز بروهي ۽ ناليوارو قانونڊان ايڊووڪيٽ امان الله شيخ پيش ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم اڳواڻ خواجہ اظهار الحسن پاران سنڌين کي ڪراچي جا ڊوميسائيل نہ ڏيڻ واري پٽيشن کي سنڌ هائي ڪورٽ رد ڪري ڇڏيو سنڌ جي مختلف ضلعن مان آيل سنڌين کي ڪراچي ۾ نوڪرين يا هنر جا ڊوميسائيل ٺاهي ڏيڻ خلاف ڪيس جي چئن سالن تائين هلندڙ پڌٽي ۽ جو فيصلو پڌايو ويو تفصيل موجب خواجا اظهارالحسن ۽ ٻين ايم ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

# ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد پاران ضلع ڪائونسل جي ميمبرن کان حلف ڪڻايو ويو

## باقائده ضلع ڪائونسل جا ميمبر چونڊجي چڪا آهن، ميمبرن کي مبارڪ باد ڏيون ٿا: ڊي سي

## جيڪي بہ ميمبر اڄ حلف ناهن کڻي سگهيا اهي ٻن ڏينهن اندر حلف کڻي وٺن، سهولتون ڏينداسين

## پنهنجي تعلقي جي چونڊيل چيئرمين ، وائيس چيئرمين ۽ جنرل وارڊ ميمبرن کي حلف ڪڻايو ويو

نواب شاهہ (اي ڪي ڏاهري) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڪنول نظام شيخ بلدياتي چونڊن ۾ ڪاميابہ ٽيندڙ ضلع ڪائونسل جي ميمبرن کي ڊي سي آفيس جي درٻار هال ۾ حلف ڪڻايون موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڪنول نظام شيخ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نواب شاهہ: ڊي سي ڪنول نظام شيخ بلدياتي چونڊن ۾ ڪاميابہ ٽيل اميدوارن کي حلف ڪڻائي رهي آهي

### نئي جي ضلعي ڪائونسل سميت ٽائون ڪميٽين جي عهديدارن جي تقريب

ٽنڊو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) مڪاني چونڊن ۾ نئي جي ضلعي ڪائونسل سميت ٽائون ڪميٽين ۽ يونين ڪائونسلن جي ڪائونسلر ۽ چيئرمنن چونڊن ۾ چونڊجندڙ ضلعي ڪائونسل ٽنڊو ۾ چيئرمين ۽ وائس چيئرمنز حلف برداري واري تقريب ٿي ضلع ڪائونڊل هال مڪلي ٽنڊو ۾ منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

# سڪر ميونسپل ڪارپوريشن جي چونڊيل بلدياتي نمائندن جي حلف برداري تقريب، ساجاهم وند شريڪ

## ميونسپل ڪارپوريشن جي 32 يونين ڪميٽين جي نمائندن حلف ڪٽي ورتو، ارسلان شيخ، طارق چوهاڻ شريڪ

## جيڪو ڪر گذريل دور ۾ نہ ڪري سگهيس اهو ڪر مڪمل ڪندس: اڳوڻو ميئر ارسلان اسلام شيخ جون ڳالهيون

## ميونسپل ڪارپوريشن جي حلف برداري تقريب آءِ بي اي آڊيٽوريم هال ۾ اليڪشن ڪميشن پاران منعقد ڪئي وئي

سڪر (رپورٽ:امداد علي گل ڪلوڙ ) سڪر ميونسپل ڪارپوريشن جي چونڊيل مڪاني نمائندن جي حلف برداري تقريب آءِ بي اي يونيورسٽي آڊيٽوريم هال ۾ اليڪشن ڪميشن پاران منعقد ڪئي وئي. سڪر ميونسپل ڪارپوريشن جي 32 يونين ڪميٽين جي چونڊيل نمائندن شرڪت ڪئي يونين ڪميٽين جي عهديدارن کي حلف ڪڻايو ويو. تقريب جو خاص/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سڪر: بلدياتي چونڊن ۾ ڪاميابہ ٽيل اميدوارن حلف ڪڻايو پيو وڃي

### ٽائون ڪميٽي نئون ڪوجي چيئرمين شپ لاءِ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم آمهون سامهون

نئون ڪوٽ (رپورٽر) ٽائون ڪميٽي نئون ڪوجي چيئرمين شپ لاءِ پيپلزپارٽي ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان اميدوار آمهون سامهون. چيئرمين شپ لاءِ پ ٻ اميدوار نور محمد منڌرو جو پلاؤ ڀاري. جڏهن تہ ايم ڪيو ايم پاڪستان اميدوار ريحان رضا بہ ميدان ۾ لٿل. اليڪشن ڪٽڻ کان اڳ چيئرمين شپ جي خواهش ظاهر ڪندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

# سڪر ميونسپل ڪارپوريشن جي چونڊيل بلدياتي نمائندن جي حلف برداري تقريب، ساجاهم وند شريڪ

## ميونسپل ڪارپوريشن جي 32 يونين ڪميٽين جي نمائندن حلف ڪٽي ورتو، ارسلان شيخ، طارق چوهاڻ شريڪ

## جيڪو ڪر گذريل دور ۾ نہ ڪري سگهيس اهو ڪر مڪمل ڪندس: اڳوڻو ميئر ارسلان اسلام شيخ جون ڳالهيون

## ميونسپل ڪارپوريشن جي حلف برداري تقريب آءِ بي اي آڊيٽوريم هال ۾ اليڪشن ڪميشن پاران منعقد ڪئي وئي

سڪر (رپورٽ:امداد علي گل ڪلوڙ ) سڪر ميونسپل ڪارپوريشن جي چونڊيل مڪاني نمائندن جي حلف برداري تقريب آءِ بي اي يونيورسٽي آڊيٽوريم هال ۾ اليڪشن ڪميشن پاران منعقد ڪئي وئي. سڪر ميونسپل ڪارپوريشن جي 32 يونين ڪميٽين جي چونڊيل نمائندن شرڪت 

روزاني

# سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اڳاروَ 23 مئي 2023ع


## سنڌ کو مفتوح علائقو ته نه آهي!

سنڌ اِجاري آهي، سنڌ جي سرير ۾ صحرا سرايت ڪري چڪو آهي، سنڌ بُٽ ۽ پڙپانگ بڻجي وئي آهي، جنهن جو سبب سنڌ کي پاڻيءَ جو جائز حصو نه ملڻ آهي. سنڌ کي ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت جي سزا ڏني پئي وڃي. پنجاب واعدن ۽ معاهدن تي عمل ڪرڻ جي لاءِ تيار نه آهي. جيڪي فلڊ ڪئنال صرف ٻوڏ دوران وهائڻا آهن، انهن کي پنهنجي مرضيءَ سان وهائي پاڻي ڪڍندو رهي ٿو. هن پيري به خريف سيزن دوران پاڻيءَ جي سخت ڪوٽ باوجود پنجاب تونسا_ پنجند لنڪ ڪئنال کولي 29 اپريل کان 20 مئي تائين 22 ڏينهن اندر 66 هزار، 229 ڪيوسڪ پاڻي ڪڍي ورتو آهي. صرف اهوئي نه، نا انصافي اها به آهي ته پهرين اپريل کان شروع ٿيل خريف سيزن ۾ 20 مئي تائين ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به نه ڇڏيو آهي، جڻ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ انسان ئي نه رهندا هجن! ڪئين ڏهاڪن کان سنڌ سان اهڙو سلوڪ ٿي رهيو آهي، جڻ اهو ڪو مفتوح علائقو هجي! ناڻي ۽ پاڻيءَ جي ورچ ۾ نا انصافيءَ سنڌ کي مفلسيءَ ۽ بربادي جي تحت الثريٰ ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي. زرعي معيشت تي انحصار ڪندڙ سنڌ پاڻي نه هجڻ ڪري تباهه ٿي وئي آهي. سون اپائيندڙ زرعي زمينون تباهه ٿي ويون آهن. پنجاب 1991ع واري پاڻي ناهه تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. هڪ ته پاڻي ورچ معاهدي جي پئرا_ 2 تحت نٿي ڪئي وڃي. جيڪا لپ پاڻيءَ جي ملي ٿي، ان جو وڏو حصو لفٽ مشينون رکي پنجاب ۾ ئي چوري ڪيو وڃي ٿو. سنڌ اهو چوندي رهي آهي ته ان ئي حصي جو پاڻي گڏوءَ تي پهچائي ڏنو وڃي، پر ائين نٿو ڪيو وڃي. مٿان وري چشما_ جهلم ۽ تونسا_ پنجند ڪئنالن ذريعي (جيڪي فلڊ ڪينال آهن) سڄو سال پاڻي ڪنيو وڃي ٿو. ارسا جي ذميواري پاڻي ورچ آهي، پر ارسا جي بي اختياراختياري پنجاب اڳيان بيوس بڻيل آهي. ارسا ۾ سنڌ جو نمائندو ننڍ ۽ ڳهر ۾ آهي، جنهن کي 22 ڏينهن کان پاڻيءَ تي لڳندڙ ڏاڙو نظر نه آيو. سنڌ سرڪار ته سنڌ سان نا انصافيءَ واري ڪنهن معاملي تي ان وقت ڳالهائيندي آهي، جڏهن سنڌ جي حڪمران جماعت جا وفاق سان معاملا چڪتاڻ وارا هوندا آهن. حد ته اها آهي، جو 22 ڏينهن ۾ تونسا_پنجند لنڪ ڪينال جي ذريعي پنجاب پاڻي ڪڍي ٿو وٺي، اهو به شديد ڪوٽ وارن ڏينهن ۾، پر سنڌ سرڪار ان کان بيخبر آهي. جي واقعي به سنڌ سرڪار ان ڏاڙي کان بيخبر آهي ته اها بيخبري به هڪ وڏي "خبر" آهي. ڳالهه صرف ايتري ئي نه آهي، ڪوٽڙيءَ کان هيٺ گذريل پنجاهه ڏينهن دوران پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به نه ڇڏيو ويو آهي. پنجاب ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻيءَ کي زيان قرار ڏيندو رهيو آهي. ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي نه ڇڏڻ جي ڪري سنڌوءَ جي ڊيلٽا تباهه ٿي ويئي آهي، سمنڊ ۾ دريا جي پاڻيءَ جو ڇوڙ نه ٿيڻ جي ڪري سمنڊ لکين ايڪڙ زرخيز زمينون ڳڙڪائي ويو آهي. تمرجا ٻيلاختمر ٿي رهيا آهن، پلي ۽ جهينگن جو نسل خاتمي ڏانهن وڌي رهيو آهي. آبي معيشت تي انحصار ڪندڙ ماڻهو لڏپلاڻ ڪري رهيا آهن. سمنڊ جي اڳتي وڌي اچڻ جي ڪري جر ڪارو ٿي ويو آهي. سنڌ جي معيشت ۽ ماحول جي تباهي چو پلا ڪنهن کي نظر نٿي اچي؟

اسان شديد ڪوٽ وارن ڏينهن ۾ پنجاب پاران ڏونس ۽ داداگيريءَ سان لنڪ ڪينالن ذريعي پاڻي ڪڍڻ جي عمل تي پنهنجي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪريون ٿا. اسان کي ڳڻتي ته ارسا سنڌ جي ميمبر جي بيخبريءَ تي پڻ آهي. اسان اها گهر ٿا ڪريون ته پنجاب کان واعدن ۽ معاهدن جي پاسداري ۽ انهن تي عمل ڪرايو وڃي. لنڪ ڪينالن ذريعي سسٽم مان پاڻيءَ جي چوري بند ڪرائي وڃي. ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي ڇڏڻ کي يقيني بڻايو وڃي، اهو انساني حقن جو مسئلو آهي. پاڻي جيئاپو آهي ۽ پاڻيءَ کان محروم ڪرڻ حياتيءَ کان محروم ڪرڻ جي مترادف آهي. سنڌ کي ديوار سان نه لڳايو وڃي. ياد رکڻ گهرجي ته هي ملڪ ڪنهن ٻئي سانحي جو متحمل نٿو ٿي سگهي.

## اڈوري سياست

اعجاز منگي

سنڌي پوليءَ جو هڪ مشهور نظر آهي:

"اسان بس رهياسين،
اڈورا اڈورا"

آڪاش انصاريءَ جو مٿيون نظر هن جي سياسي اڳواڻ ۽ ادبي استاد رسول بخش پليجي کي سخت ناپسند هو. جڏهن ته ان نظر ۾ صرف آڪاش جو پنهنجو ذاتي نه پر سرد جنگ کان پوءِ مايوسيءَ جو شڪار ٿيل اڪثر ترقي پسندن جا پاڇا لڙ ڪڙائيندا نظر ايندا هئا. اهو نظر هن وقت پاڪستان جي سڀ کان مقبول ۽ سڀ کان مجبور سياستدان جي حال جو احوال به پيش ڪري رهيو آهي. ڇا اها حقيقت ناهي ته اڄ عمران خان هڪ اڈورو انقلابي ۽ هڪ اڈورو سياستدان آهي. نه هو نواز شريف، شهباز شريف، آصف علي زرداري ۽ مولانا فضل الرحمان جهڙو سياستدان ٿي سگهيو ۽ نه وري هو سوريءَ جو سينگار ٿيندڙ شهيد ڀٽو ٿي سگهيو هو اڈورو رهيو ڇا عمران خان صاحب ۽ هن جا سياسي عاشق برداشت ڪري سگهندا اهي لفظ، ته هو ناڪام نقب زن آهي! سچ اهو آهي، پلي ان مٿان پاري پردا وڌا وڃن.

اڄ جڏهن عمران شڪسته دل ۽ شڪسته دماغ سان پنهنجي معصوميت ۽ پنهنجي پارٽيءَ جي مظلوميت جو ڪيس لڙي رهيو آهي، تڏهن اهو عمران شدت سان ياد اچي رهيو آهي، جيڪو ڪجهه وقت اڳ پنهنجي پوري جاهه و جلال سان پاڪستان جي پڌري توڙي پوشيده حڪومتن مٿان طنز جي تيرن سان حملا ڪري رهيو هو. پر حقيقت اها آهي ته هو ۽ هن جي پارٽي ڪجهه ڏينهن جو سياسي جبر برداشت ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نظر نه ٿا اچن. جڏهن ته نه صرف هڪ انقلابي پر هڪ حقيقي تبديلي پسند کي به ايتري سياسي جبر جي لاءِ تيار هجڻ ڪيندو آهي، پر حيرتناڪ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته عمران خان جي مٿان آيل هن مشڪل مرحلي ۾ هن جا نه صرف جونيئر پر سينيئر ساٿي به هن جي پارٽيءَ کي ائين ڇڏي رهيا آهن، جيئن ٽٽل پڇري مان پکي اڏامندا آهن.

عمران خان کي نه صرف ملڪ جي سياسي ۽ صحافتي مبصرن پر خود پنهنجي پارٽيءَ جي سنجيده ساٿين به سمجهاڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته هو هن سياسي جهيڙي ۾ ايترو اڳتي نه وڃي، جو هن کي واپس وري جو رستو نه ملي. پر هو نه مڙيو هن اهو ڪجهه ڪيو جيڪو هن جي دل ۽ دماغ هن کي چيو. جڏهن ته هن کي پاڻ به محسوس ڪرڻ ڪيندو هو ته هو عوامي حمايت جي مڌ ۾ مست آهي. عمران خان جي اها دعويٰ آهي ته هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن به شراب نه پيتو آهي جيڪڏهن هن جي ان ناقابل يقين دعويٰ تي اعتبار به ڪجي، تڏهن به هن کي اهو سمجهڻ گهرجي ته شيشن ۾ بند شراب جو نشو ان مڌ جي پيٽ ۾ ڪجهه به ناهي، جيڪو عوامي حمايت وارين تاڙين، نعرن ۽ نغمن سان هڪ ليڊر جي حواس کي ڪنٽرول ڪري وٺندو آهي. اها حقيقت آهي ته عمران خان کي تمام گهڻي عوامي حمايت ۽ محبت ملي ۽ هو ايترو ڏوز برداشت نه ڪري سگهيس

عمران خان جي سياسي سفر ۾ صرف شيخ رشيد ۽ پرويز خٽڪ نه رهيا آهن، هن سان معراج محمد خان جهڙا نظرياتي ۽ سياست کي سائنس جيان سمجهندڙ سياستدان ساڻ رهيا هئا. ڇا انهن عمران خان کي اهو نه سمجهايو هوندو ته هڪ ليڊر پنهنجي نظرئي ۽ پنهنجي پارٽيءَ جي ساخت ۽ سگهه سان مقابلو ڪرڻ جو فيصلو ڪندو آهي. عمران خان جي پارٽي تحريڪ انصاف هڪ پاپولر ۽ عوامي پارٽي رهي ۽ ان ۾ عمران خان راڳن ۽ رنگن جا ڪردار به رهيا. پر اها ڪا ٿوس نظرياتي ۽ انقلابي تربيت واري پارٽي نه هئي ۽ نه آهي. پي ٽي آءِ هڪ مڊل ڪلاسي ۽ اپرمڊل ڪلاسي پارٽي هئي. هيءَ اها پارٽي هئي ۽ آهي، جيڪا ميڻ جي بت جهڙي آهي. اها پارٽي ڪڏهن به آزمائش جي اس ۾ پنهنجي وجود کي قائم رکي نه ٿي سگهي ۽ هن وقت اهوئي ڪجهه ثابت ٿي رهيو آهي. هن جي پارٽيءَ جا اهي ليڊر، جن پاڻ کي تمام گهڻو بهادر ۽ تمام گهڻو برداشت ڪري سگهڻ وارو سمجهيو هو، سي سياسي پريشر جي پهرين مرحلي ۾ سوپارا ٿي نه سگهيا. جڏهن ته اها انقلابي عشق جي ابتدا هئي. اردوءَ جي هڪ استاد شاعر جو جڳ مشهور شعر آهي:

"ابتدائي عشق هي روتا هي ڪيا
آگي آگي ديکيي هوتا هي ڪيا"

عمران خان آزمائش جي هن پهرين راؤنڊ ۾ روئڻ هارڪو ٿي ويو آهي ته هو ايندڙ مرحلن کي ڪهڙي ريت سهي سگهندو؟ عمران خان لاءِ هيءَ صورتحال بري نه پر بهتر آهي، جيڪڏهن هو ان مان سکڻ جي ڪوشش ڪري. هن کي سمجهڻ گهرجو هو ته بنا ڪنهن نظرئي ۽ بنا ڪنهن انقلابي انداز واري پارٽي جوڙڻڪ جي، هو ايترو وڏو قدم ڪيئن ٿي کڻي سگهيو؟ هن کي پنهنجي پارٽيءَ جي نازڪ تارين مٿان ايترو ڀاري بار نه رکڻ ڪيندو هو، ڇو ته جيڪو ڪلاس عمران خان سان گڏ آهي، اهو ڪلاس پنهنجي سرشت ۾ ايتري سگهه نه ٿو رکي، جو ايترين سختيون برداشت ڪري سگهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته دنيا جا عظيم انقلابي به وچئين طبقي مان پيدا ٿيا آهن. خود لينن وچئين ڪلاس جو بندو هو. مارڪس به مڊل ڪلاسي هو. اينگلس ته اپرمڊل ڪلاس سان تعلق رکندڙ هو. چي گويرا ڊاڪٽر هو. ڪاسترو خوشحال خاندان جو فرد هو. مائو ۽ هوچي منهه جو پسمنظر ڪجهه وضاحت طلب آهي پر هو به هيلين ۽ پورهيت طبقي مان نه آيا هئا، پر ان جو مطلب اهو ناهي ته مڊل ڪلاس هڪ آدرشي ۽ انقلابي طبقو هوندو آهي. مڊل ڪلاس پنهنجي ڪڪ مان مها انقلابي پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ ان ڪيا به آهن پر مجموعي طور تي مڊل ڪلاس موقعي پرست ۽ مشڪلاتن ۾ هٿ مٿي ڪري ڪشڪ مجيندڙ ڪلاس رهيو آهي. جڏهن ته عمران خان جي پارٽيءَ جو ڪرنگهو هن جو بيڪ بون اهو ڪلاس آهي. عمران خان جي پارٽيءَ جي غريب عوام ۾ به حمايت آهي پر هن مهل تائين هڪ به غريب تحريڪ انصاف جي ڪنهن هم عهدي تي نه آندو ويو آهي ڇا ان ڪان وڌيڪ طبقاتي بي انصافي ٿي سگهي ٿي؟

عمران خان جو ڪيس سمجهڻ جي لاءِ اسان کي هن جو منڊ ڪان پيرو ڪٽڻو پوندو. عمران خان ڪڏهن اهو سوچيو به نه هو ته حالتون هن کي ملڪ جو ايڈو وڏو ۽ ايترو مقبول سياسي ليڊر بڻائيندڻيون. عمران خان جڏهن پنهنجي سياست شروع ڪئي هئي ته هن حميد گل جي هدايتن تي هڪ پريشر گروپ جي طور تي آپريٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. عمران خان جي ذات ۽ صفات ۾ هن مهل تائين پريشر پيدا ڪري، پنهنجا مطالبا مجراڻڻ وارو لاڙو رهيو آهي. اهوئي سبب آهي ته هن جڏهن به ڪوئي عمل ڪيو آهي ته ان ۾ پريشر وجهڻ جو عنصر چٽي طور تي سامهون اچي ٿو. عمران خان جي سياست دهاءُ ذريعي مقصد ماڻڻ واري سياست رهي آهي. اها عمران خان جي سياست جي پهرين خامي آهي. هن جي ٻين ۽ وڏي خامي اها آهي ته هن ۾ صبر سان رهڻ جي صلاحيت ئي نه آهي، جڏهن ته سياست ۾ صبر جو تمام اهم ۽ وڏو ڪردار هوندو آهي. جيڪو صبر ڪري نه ٿو سگهي، ان کي سياست ڪرڻ جو حق ته ئي سگهي ٿو پر هن کي سوياروَ ٿيڻ جي خوش فهميءَ جو شڪار نه ٿيڻ گهرجي. عمران خان جي سياسي عمر 72 سال آهي. هواهي سال بي صبريءَ واري دور مان گذريو آهي. هن جي انداز مان مستقل طور تي تڪڙ جي پرپور جهلڪ ملندي رهي آهي. عمران خان جي هن پوئين مرحلي ۾ به اسان کي اهي ٻئي عنصر پرپور صورت ۾ نظر اچن ٿا. عمران خان حڪومت مان نڪري جيتري عوامي مقبوليت ماڻي، اهو سڀ ڪجهه هن لاءِ تقدير پاران ڪنهن قيمتي تحفي کان گهٽ نه هو. جڏهن ته هن پنهنجي ٽن سالن واري سرڪار ۾ اهڙو ڪو ڪارنامو سرانجام نه ڏنو هو جنهن جي ڪري ڪيس ايتري حمايت حاصل ٿئي. عمران خان پاڻ به ان حقيقت کي تسليم ڪيو آهي ته هو اقتدار مان آئوٽ ٿيڻ بعد عوامي سپورٽ جي حوالي سان سوچي به نه ٿي سگهيو. اهو وقت عمران خان جي لاءِ ڪنهن سياسي غنيمت کان گهٽ نه هو هن وٽ خيبر پختونخوا ۽ پنجاب جون صوبائي حڪومتون هيون. پنجاب جي صوبائي حڪومت هجڻ جو مطلب مِني ملڪ مٿان حڪومت کان گهٽ ناهي. هڪ طرف عمران خان وٽ ٻن صوبن جون حڪومتون هيون، ٻئي طرف هن وٽ ڪشمير ۽ گلگلت بلتستان جو پارو به هو. ٽين طرف هن جي قومي اسمبليءَ ۾ پرپور حيثيت هئي. چوٽون هو ان غيرمقبول حڪومت سان ٽڪراءُ ۾ هو جيڪا ماڻهن مٿان مهانگائيءَ جو بار وڌائي پنهنجي لاءِ وڏيڪ مشڪلاتون پيدا ڪري رهي هئي. ڇا ان صورتحال ۾ عمران خان لاءِ سوا سال مضبوط مخالف ڌر جو ڪردار ادا ڪرڻ مشڪل هو خاص طرح ان وقت جڏهن هن کي ملڪ جي وڏي ۾ وڏي صوبي ۾ سرڪار به حاصل هجي.

عمران خان پنهنجي سياسي پاڳ کي نياڳ ۾ تبديل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي، ڇو ته هن کي اقتدار ۾ اچڻ جي تڪڙ هئي. هن کان سوا سال جو صبر نه پئي ٿيو ان حالت ۾ هن ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ مٿان پريشر وجهڻ شروع ڪيو. هن فوج مٿان تنقيد ڪرڻ ۽ ان کي عجيب نالن سان پڪارڻ وارو جيڪو ايڊونچر (Adventure) شروع ڪيو، ان جو نتيجو اهو نڪتو ته ڊي جي آءِ ايس آئي سان گڏ ملڪ جي تاريخ ۾ آءِ ايس آءِ جو سربراه به پريس بريفنگ ڏيڻ ويٺو. اهو سڀ ڪجهه فوج مٿان عمران خان جي وڏل دهاءُ جي نتيجي ۾ ٿيو جڏهن ته اهو وقت عمران خان جي لاءِ بهترين وقت هو. جڏهن هو هڪ طرف حڪومت کي وڏيڪ غيرمقبول ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ها ۽ ٻئي طرف اسٽيبلشمينٽ سان پنهنجا بگڙيل تعلقات بهتر بڻائي ها. پر عمران خان انڌ جي گهوڙي تي سوار هو. هن هڪ وڏي پر ڪمزور پارٽيءَ جي ڪلهن تي اسٽيبلشمينٽ سان وڙهه جو وزن رکيو ۽ هوءِ ساري ويٺو ته هو پاڻ به ڪو مها انقلابي نه پر هڪ اهڙوئي روايتي سياستدان آهي، جهڙو ميان نواز شريف آهي. نظرياتي ۽ انقلابي دورا نواز شريف کي به پوندا رهيا آهن پر هو انهن مان جلد ٻاهر نڪري ايندو رهيو آهي. جڏهن ته عمران خان خطرناڪ خودفريبيءَ جي ڪردار ۾ ايترو نه اڳتي نڪري ويو، جو هن وقت هو 9 مئي جي ڏينهن تي برنڊ ٻاهين جي وچ ۾ تنها بيٺل آهي. هو واپس ٿيڻ چاهي ٿو. پر هن کي واپسيءَ جي واٽ نظر نه ٿي اچي.

*****

## تماش گاهه سياسي نظام ۾ استحڪام جي ضرورت

علي حسن

پاڪستان جي صدر عارف علوي عمران خان کي صلاح ڏني آهي ته 9 مئي جي واقعن جي ڪيس کلئي مذمت ڪرڻ گهرجي. صدر مملڪت جو چوڻ هو ته 9 مئي ۾ ملوث ماڻهن جي نه صرف مذمت ٿيڻ گهرجي پر انهن خلاف ڪارروائي به ٿيڻ گهرجي. پر ڪارروائي ۾ انساني حقن جو خيال رکيو وڃي ۽ مارڪٽ نه ٿيڻ گهرجي. انهن کي قانون مطابق سزا ڏيڻ گهرجي. صدر عارف علوي جو چوڻ هو ته عمران خان جنرل عاصم منير جي بطور آرمي چيف مقرري جي مخالفت نه ڪئي هئي. سندس چوڻ هو ته عمران خان چيو ته جنرل باجوه کي چئي ڇڏيو ته ادارو جنهن کي به آرمي چيف بڻائيندو، عمران ان کي قبول ڪندو. صدر مملڪت جي انهيءَ بيان کان اڳ هڪ دوست چيو هو ته پکي اڏامندا وڃن. پکين مان ان جي مراد تحريڪ انصاف ۽ شامل ميمبر هئا. واقعي پکي اڏامي نون آڪيرن جي ڳولا ۾ وڃي رهيا آهن. پکي نوان آڪيرا ڇو تلاش ڪري رهيا آهن. تحريڪ انصاف جي سربراهه عمران خان پاڻ ئي چيو آهي ته سياسي ماڻهن تي اڄ تمام گهڻو دباءُ آهي، هر شخص دباءُ برداشت نٿو ڪري سگهي. سمجهڻ لاءِ آسان ڳالهه اها آهي ته جيستائين سياسي جماعتون، پارٽين ۾ شموليت لاءِ "اليڪٽ ايبلز" جي ڳولا ڪندڙ رهنديون، پکي ان جي سياسي جماعت کي درپيش ڪنهن به امتحان جي صورت ۾ نوان آڪيرا تلاش ڪندا. ايئن تمام گهٽ ٿيندو آهي ته مانوس پکي ترسي پوندا آهن. ڪراچي مان چونڊيل قومي اسمبلي ميمبر علي زيدي جو چوڻ آهي ته جڏهن عمران خان پارٽي ڇڏيندو ته هو به پارٽي ڇڏي ڏيندو. علي زيدي جيڪب آباد جيل ۾ ناقابل برداشت حالت ۾ قيد آهي. ڪراچي مان ئي چونڊيل صوبائي اسمبلي جي ميمبر فردوس شميم نقوي جو چوڻ آهي ته پارٽي مان گند صاف ٿي رهيو آهي. جن کي وڃڻو آهي اهي پلي هليا وڃن، اسان خوشيءَ سان ڪين دروازي تائين ڇڏي ايندا سين. پي ٽي آءِ جي اڳوڻي صوبائي ميمبر کان جڏهن پي ٽي آءِ ڇڏڻ جو سوال ڪيو ويو ته هن چيو ته چو نه ڇڏيندا سين، هاڻي ڪسرئي ڪهڙي رهجي وئي آهي.

سمورين سياسي جماعتون ان مرض جو شڪار ٿي ويون آهن ته "اليڪٽ ايبلز" پارٽيءَ ۾ آندا وڃن ۽ انهن کي ٿي اميدوار نامزد ڪيو وڃي. اها هڪ حقيقت آهي ته پاڪستان ۾ آهستي آهستي چونڊن ۾ حصولڻ تمام مهانگو سودو ٿي ويو آهي. اها هڪ قسم جي سرمائيڪاري آهي. ڪو زمين جو ٽڪرو خريد ڪري سرمائيڪاري ڪندو آهي، ڪو شيئرز خريد ڪري سيڙپ ڪندو آهي ته ڪيترائي ماڻهو سياسي جماعتن ۾ سرمائيڪاري ڪندا آهن. آزاد جمون ڪشمير جي تازو وزارت عظميٰ جي عهدي تان فارغ ٿيندڙ سردار يعقوب اعتراض ڪيو آهي ته هن عمران خان جي چوڻ تي پارٽي ۾ پئسا لڳايا هئا. "اليڪٽ ايبلز" به هر پارٽيءَ ۾ نڦا وڃن. اهي اهڙي پارٽين جي چونڊ ڪن ٿا، جن جي قيادت عوام لاءِ پرڪشش هوندي آهي، عوام ان جي سحر ۾ گرفتار هوندو آهي. جيڪي ماڻهو سرمائيڪاري ڪن ٿا يا پارٽي ۾ پئسا ناهڻ لاءِ يا عهدو حاصل ڪرڻ لاءِ شامل ٿيندا آهن، اهي قيادت يا پارٽي سان گهٽ ئي وفادار هوندا آهن. پارٽي جڏهن ڪنهن مشڪل جو شڪار ٿيندي آهي ته پکي به اڏامي ويندا آهن. اهو ته سياسي جماعتن جي قيادت جي سوچ جو ڪمر آهي ته ڪهڙي ريت ماڻهو پارٽي ۾ شامل ڪيا پيا وڃن يا ڪهڙي قسم جي ماڻهن کي پارٽي ۾ هجڻ گهرجي. پاڪستان ۾ سياسي جماعتون نظرياتي ناهن. انهن ۾ شامل ٿيندڙ ته ڪنهن به انداز سان نظرياتي ناهن. عمران خان جي پارٽي ڏڳهي عرصي تائين عوام جي قبوليت جي جدوجهد ڪندي رهي. پهرين هڪ پيرو صرف عمران خان چونڊيجي سگهيو ان ڪانپوءِ سن 2013ع کان سن 2018ع دوران ڪجهه ماڻهو چونڊيجي سگهيا هئا. 2018ع ۾ ايترا ماڻهو چونڊيجي آيا جو عمران خان جو حوصلو وڌيو ته وڻ وڻ جي ڪاني گڏائي پارٽي اقتدار ۾ اچي ويندي ۽ ايئن ٿي ٿيو. اڳ صورت ۾ پارٽي کي مقتدر حلقن جي عملي مدد جي ضرورت هئي، جنهن ڪانپوءِ ئي پارٽي ان قابل ٿي سگهي هئي جو اقتدار ۾ اچي سگهي ۽ عمران خان وزيراعظم چونڊيجي وڃي. بلڪل ائين ٿي جيئن ذوالفقار علي ڀٽي جي وقت ۾ ٿيو هو. محمد خان جوڻيجو ته هوئي "ڪنگ" جو ماڻهو. بينظير ڀٽو کي به بادشاهه گرن جي مدد جي ضرورت هئي. نواز شريف کي هر پيري بادشاهه گر مدد جي ضرورت رهي. ظفرالله جمالي هجي يا شوڪت عزيز، اهي ته بادشاهه جا ئي نامزد ڪيل ماڻهو هئا. يوسف رضا گيلاني کي پيپلز پارٽي جي مدد ڪانسواءِ بادشاهه گرن جي مدد جي به ضرورت هئي. ان جي قسمت زوراور هئي، نه ته آصف زرداري ته محترم امين فهيم جي ڪلهي تي هٿ رکي ڇيو هو ته هي مستقبل جو وزيراعظم آهي. ڪنهن مرحلي تي آصف زرداري کي ذهن ۾ آيو ته جڏهن هو پاڻ ئي بادشاهه گر آهي ته هو پاڻ صدر پاڪستان چونه ٿئي ۽ ايئن ٿي ٿيو.

سياسي جماعتن ۾ نالي ماتر ايگزيڪيوٽو ڪميٽي هوندي ضرور آهي پر هيستائين ڏٺو اهو ويو آهي ته اها صرف ها ۾ ها ملائڻ لاءِ هوندي آهي. انهن کي بجيٽ ڪانپوءِ فيصلو صادر ڪرڻ جو اختيار ئي نه هوندو آهي. بينظير ڀٽو جي دور ۾ چيو وڃي ٿو ته راءِ بينظير جي ئي هوندي هئي ۽ اتفاق سيني جو هوندو هو. پارٽي جي قيادت اهو سمجهي ٿي ته جيڪي ماڻهو به چونڊيجي اچن ٿا، اهي قيادت طرفان نامزدگي ڪانپوءِ ئي چونڊجن ٿا. ڪين اها ضرورت هوندي آهي ته اهڙو پليٽ فارم فراهم ڪيو وڃي جنهن تان اهي چونڊيجي سگهن ۽ پنج سال پارٽي سان رهن ته جيئن پنهنجي مفادن جي حصول لاءِ ڪم ڪري سگهن. پارٽي جيڪڏهن اقتدار ۾ اچي وئي ته وارا نياريا، نه ته اهي اسمبليءَ ۾ ئي رهندا. تحريڪ انصاف مان پڪين جو اڏامي وڃڻ پاڪستاني سياست لاءِ نئين ڳالهه ناهي. 1977ع ۾ مارشل لا جي نفاذ ۽ پٽي جي قاسيءَ ڪانپوءِ پارٽي جي وڏن وڏن اڳواڻن وفاداريون تبديل ڪيون هيون. ممتاز پٽو، عبدالحفيظ پيرزادو، رفيع رضا، مبشر حسن، رائو رشيد، ڪوثر نيازي، حنيف رامي، ملڪ معراج خالد ۽ ٻيا ته پهرين ئي پارٽي کي خيرباد چئي چڪا هئا. 1984ع ڪانپوءِ پٽي جي ذاتي دوست، ۽ پهرين ڏينهن کان پارٽي سان وابسته، سنڌ جي وڏي زميندار، پارٽي جي وزيراعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي کي 1988ع جي چونڊن کان اڳ پارٽي جي لاءِ زيرو زيرو حيثيت رکندڙ قرار ڏنو ويو هو پارٽي قيادت جي نظر ۾ هو مشڪوڪ ٿي ويو هو ۽ پوءِ ان عتاب هيٺ آيو ته هو جنرل ضياءَ سان ساز باز ڪري وزيراعظم ٿيڻ چاهي ٿو. 1999ع ۾ جنرل پرويز مشرف طرفان آندل تبديلي ڪانپوءِ نواز ليگ کي به اهڙي صورتحال درپيش هئي. پکي پارٽي مان اڏامندي پئي ويا. پيپلز پارٽي تي مشتمل پيٽريٽ گروپ جوڙيو ويو هو جنهن ۾ فيصل حيات ۽ رائو سڪندر اقبال ۽ ٻيا شامل هئا. رائو سڪندر کي ته مشرف وزير دفاع مقرر ڪري ڇڏيو هو ان جو شمار "اليڪٽ ايبلز" ۾ ٿيندو هو. اهو 1988ع ۾ ۽ چونڊجي بينظير جي ڪابينا ۾ وفاقي وزير مقرر ٿيو هو انسان جون ذاتي ضرورتون، نفسياتي ڪيفيتون وغيره ان کي سياسي سوچ تبديل ڪرڻ ڪانسواءِ سياسي جماعت تبديل ڪرائي ڇڏينديون آهن. ڪٿي لالچ، ڪٿي خوف، ڪڏهن ڏمڪي وغيره انسان کي وفاداري تبديل ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ جو سبب بڻجي ويندیون آهن. ان رويي کي تبديل ڪرڻ لاءِ سياسي جماعتن جي قيادت کي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ صبر کان ڪم وٺڻو پوندو. ان صورت ۾ پاڪستان جي سياسي نظام ۾ استحڪام پيدا ٿيندو.

پيپلز پارٽي ۾ ته قيادت ڪنهن کي به جانشين نامزد نه ڪيو هو. توڙي جو معراج محمد خان ۽ ملڪ غلام مصطفيٰ ڪر لاءِ باقاعدي پٽي اعلان ڪيو هو پر انهن کي باضابطه جانشين نه بڻايو ويو. پٽي جي موت کانپوءِ بيگم نصرت ڀٽو قائم مقام جانشين مقرر ٿي. بعد ۾ بينظير ڀٽو پنهنجي والده جي جاءِ تي پارٽي سربراهه مقرر ٿي وئي. نواز شريف به اڄ تائين پنهنجي جانشين جو باضابطه اعلان ناهي ڪيو. سندس صاحبزادي مريم نواز پارٽي جي مرڪزي آرگنائيزر مقرر ٿي وئي آهي. شهباز شريف مجبوري جي حالت ۾ وزيراعظم بڻايو ويو. جيڪڏهن نواز شريف جي صاحبزادي قومي اسمبليءَ جي ميمبر چونڊجي ها ته اها ئي وزيراعظم مقرر ٿئي ها. آصف زرداري کي اعلان جي ضرورت ئي ناهي، جو ان جو مڙيو پٽ بلاول ڀٽو زرداري پيپلز پارٽي جو چيئرمين آهي. تحريڪ انصاف جي ڊانچي ۾ به اهڙي ڪا گنجائش ناهي ته ڪنهن کي نظر اچي ته پارٽي جي متبادل قيادت ڪير ڪندو. شاهه محمود قريشي، اسد عمر، چوڌري پرويز الاهي، چوڌري مونس الاهي يا ڪو ٻيو موجوده حالتن ۾ عمران خان جي سياسي مستقبل جي باري ۾ حتمي ڳالهه ڪري نٿو سگهي. عمران خان جو امڪاني نااهل ٿيڻ، ان کي امڪاني سزا وغيره جي صورت ۾ هو نااهل ٿي سگهي ٿو. جڏهن ڪو به نه هوندو ته پارٽي کي ختم ٿيڻ ۾ گهڻي دير لڳندي؟

## سائر صحت سپرين، آهي نه آزار:
## مجلس ويرَ مِنو ٿئي، ڪوٽيندي قهار:
## خنجرُ تنهن خُوب هڻي، جنهن سين ٿئي يارُ:

### تحويل بابت جواب طلب ڪندي ٻڌڻي کي ملتوي ڪري ڇڏيو.

بقايا 10 ***

### چونڊ مڪمل ڪري اختيار چونڊيل نمائندن حوالي ڪندي.

بقايا 11 ***

ڀ پريس ڪانفرنس ڪندي چوڌري رجاهت حسين چيو ته هن وقت پورو پاڪستان فوجي ڏڪاڻن تي حملن جي مذمت ڪري رهيو اهي. اسان جي فيملي جو ڪڏهن به اهڙو رويو نه رهيو آهي مون ڪڏهن به ڪنهن ٻئي پارٽي ۾ شموليت ناهي ڪئي. وقت ثابت ڪيو ته اسان جي خاندان مان ڪجهه فيصلا صحيح ته هئا. خاندان جا ڪجهه ماڻهو جيڪي ٻين پارٽين ۾ آهن انهن کي پليڪار چونڊاسين. هن چيو ته منهنجي مٿان داخل ڪيل ڪيس ڪوڙا هئا انهن جو حقيقت سان ڪوبه تعلق نه هو منهنجي خلاف ڪيس ميرٽ تي هلندا. هر شيءِ صحيح جڳهه تي ٿيندي ايندڙ ڏينهن ۾ اسان جو خاندان هڪ جڳهه تي گڏ هوندو. چوڌري رجاهت حسين چيو ته منهنجو مونس الاهي سان ڪوبه رابطو نه ٿيو آهي. مون کي پرويز الاهي ۽ مونس الاهي جي ڪيسز جي ڪابه خبر نه آهي. ان موقعي تي چوڌري شافع حسين چيو ته مونس الاهي چهه مهينا اڳ چيو هو ته هلندا جلندا رهنداسين پر سياست جيڪڏهن خاندان ۾ اچي وڃي ته ڏاڙ پڻجي ويندا آهن. وزيراعظم چوڌري شجاعت حسين کي چيو ته مون کي 9 مئي واقعي جو تمام گهڻو ڏک پهتو آهي.

بقايا 12 ***

سان گڏ بيٺا آهن. پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ چوڌري رجاهت پارٽي چڏڻ ۽ مسلم ليگ (ق) ۾ واپسي جو اعلان ڪيو آهي. ان ڏس ۾ نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي مونس الاهي چيو ته هو چوڌري رجاهت حسين سان رابطي ۾ نه آهي. هن چيو ته چوڌري پرويز الاهي ۽ هو تحريڪ انصاف جو حصو آهن. هو ٻئي عمران خان سان گڏ بيٺا آهن.

بقايا 13 ***

فيصلي کي چئلينج ڪري. نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته ان ڪائي اهڙي ڳالهه ناهي جنهن کي چئلينج ڪري سگهجي. آڊيو ليڪ جو سلسلو هلي رهيو آهي. ممڪن آهي اڳتي به ائين ٿئي هن چيو ته آڊيوز ۾ جيڪي شيون سامهون آيون انهن ۾ اهو ثابت ٿيڻ گهرجي ته ڪيتري ح

# پرياستي جي ڳوٺ ڏائود لاکو واسي ڳوٺاڻن پاران پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

## ڳوٺاڻن عورتن معصوم ٻارڻن توڙي مردن آدم لاکو اربيلان لاکو احتجاجي مظاهرو ڪيو

## پوليس اسان جا ٻ نوجوان مقبير لاکو ۽ عجيب لاکو کي ڪوڙي مقابلي ۾ ماري ڇڏيا : مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياستي جي ڳوٺ ڏائود لاکو واسي ڳوٺاڻن عورتن معصوم ٻارڻن توڙي مردن آدم لاکو اربيلان لاکو زيبل لاکو ۽/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

نوشهروفيروز: ڳوٺ ڏائود لاکو واسي پوليس خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

# قومي عوامي تحريڪ شڪارپور پاران 22 مئي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش

## ايڊووڪيٽ زاهد پنيرو، امداد سومرو ۽ شاهنواز ابڙو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

## غزالا بتول صديقي، ستار انڙ، شبير بليدي، سرور بلوچ، اعجاز بلوچ شهيدن کي ڀيٽا پيش

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) قومي عوامي تحريڪ شڪارپور پاران شڪارپور ۾ 22 مئي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ايڊووڪيٽ آغا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

بقايا سنڌيار 01

ڪيرهن وڏيڪ چيو ته چونڊن ۾ عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪرڻ مسلم ليگ ن جي پهرين ترجيح ۾ شامل آهي مسلم ليگ ن خالي نعرن تي يقين رکڻ واري پارٽي ناهي بلڪي عملي ڪم ڪري ڏيکارڻ واري پارٽي آهي، 9 مئي واقعي ۾ ملوث عنصر ڪنهن همدردي جا مستحق ناهن، شهدين جي نالي سان منسوب يادگارين کي ساڙڻ، ٽوڙڻ پاڪستان ۽ قانوني سان بغاوت جي واضح نشاني آهي ڪلمه طيبه، درود سلام جي بيحرمتي ۽ فوجي تنصيبات، قائد اعظم جي قيام گاهه کي ساڙڻ مذمت جوگو عمل آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي، هن وڏيڪ چيو ته 9 مئي تي ملڪ کي ساڙڻ واري واقعي ۾ گهڻو نقصان پهتو آهي جنهن جو ازالو ڪو به نٿو ڪري سگهي، زمان پاڪ ۾ پيٽرول بم اڇلايا ويا، پوليس تي تشدد ڪيو ويو ۽ قومي ادارن کي ساڙيو ويو ان تمام ڪمن جو عمران خان کي حساب ڏيڻو پوندو، پي ٽي آءِ ماڻهن دهشتگرد آهن جن سانحه 9 مئي تي ملڪي سالميت کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو، ان واقعي سبب پاڪستان جي سموري دنيا ۾ رسوائي، بدنامي ٿي آهي، پي ٽي آءِ ڪارڪنن طرفان احتجاج دوران پوليس ۽ فوج جي گاڏين کي ٽوڙڻ، ڏنڊن هڻڻ ۽ بعد ۾ انهن کي باهه ڏئي ساڙڻ سواءِ ملڪ ۾ انتشار پکيڙڻ جي پيو ڪجهه به ناهي، هن وڏيڪ چيو ته پي ٽي آءِ جي خاتمي جو وقت اچي ويو آهي تحريڪ انصاف جو ڪردار عوام آڏو اچي چڪو آهي آخر ۾ خورشيد ميراڻي چيو ته ن ليگ پاڪستان جي خدمت ۽ ان جي بقاءِ لاءِ قربانيو ڏني رهي آهي پاڪستان جي عوام ڪڏهن به عمران خان جو ساٿ نه ڏيندو. عمران خان ملڪ جي معيشيت کي وڏي پيماني تي نقصان پهچايو آهي ۽ پاڪستاني عوام پاڪ فوج سان گڏ بيحد آهي ۽ پاڪ فوج جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ پيش ڪيل بيشمار قربانيون جو قدر ڪري ٿي.

بقايا سنڌيار 02

پرتي ٽيل ۽ هنائڻ بعد ٻيهر ٽريبيونل معرفت 2019 ۾ بحال ٽيل ڊگري ڪاليج برائچ محرابپور جي ليب انٽينڊنٽ محمد دين خاصخيلي کي پگهارون چالو ڪرائي ڏيڻ بهاني پرسنل فائيل سميت 60 هزار روپيا اوڳاڙيا پر گذريل ٽن سالن کان ته ليب انٽينڊنٽ محمد دين خاصخيلي جي پگهار بحال ٿي نه وري ڪيس علي گل راجپوت فائل يا پيسا ئي موٽائي ڏنا. ان سلسلي ۾ ڪجه پروفيسر صاحبان پڻ علي گل راجپوت کي ڌاڻا ساڻا ڏنا ته محمد دين خاصخيلي کي پٺسا ۽ فائل موٽائي ڏي پر علي گل راجپوت ڪنهن کي به گاهه نه وڌو جنهن سبب متاثر پگهارون چالو نه ٿيڻ ڪري وڏي عرصي کان فاقا ڪاٽڻ تي مجبور آهي، چوندا آهن ته ""اڳي ٿي ويني هئي ڪاوڙي مٽان آيس پيڪاٽو ماڻهو"" جي مصداق هڪ اڳي ٿي فاقا ڪشي مٽان مستقل رهائش نه هجڻ سبب محمد دين خاصخيلي ڪاليج جي هڪ ڪنڊ ۾ پچا وني آساس ورتو ته پرنسپال صاحب به سندس لڏو پٽرائي ڇڏيو. سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ سميت اعلي عملدارن کي گهرجي ته علي گل راجپوت جي جعلي ڊگرين سميت، ايجنٽ طور ڪم ڪري سيني سان فراڊ ڪرن جو نوٽيس وٺي جامع جاچ ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ محمد دين خاصخيلي جي پگهار چالو ڪرڻ سندس بچن کي لنگهڻ ڪاٽڻ کان بچايو وڃي.!!!!

بقايا سنڌيار 04

چڪي آهي چورين. قرون ۽ ڏاڙا روز جو معمول بڻيل آهن اڳواڻن چيو ته پوليس جي ناهلي خلاف شهر ۾ هوٽال ڪري اڳهوڙ تنڊ سٽل اختيارين کي ٻڌائي گهرون ٿا ته صورتحال جو نوٽيس وٺي شهر سميت پوري ضلعي ۾ امن قائم ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 05

جي هدايتن تي چونڊيل نمائندن کان حلف ورتو ويو آهي هن چيو ته بلديه ٽائون جي تيرنهن ماڙيپور ٽائون جي يارنهن ۽ مورڙو ميربحر ٽائون جي اٺ يوسين جي چونڊيل ميمبرن حلف کڻي ورتو آهي سندس چوڻ هو ته هو اميد ڪن ٿا ته چونڊيل نمائندا پنهنجي اختيارن جو جائز استعمال ڪندا ۽ علاقتي جي بهتري سان گڏ شهر جي بهتري لاءِ پنهنجو اهم قردار ادا ڪندا

بقايا سنڌيار 06

ڏي وٺ دوران بخشاپور ٽائي جو وڏو منشي مقصود بنگلاڻي ۽ هيڊ ڪانسٽيبل ادب حسين جڪراڻي شهيد ٿي ويا هٿياربند پوليس اهلڪارن کي شهيد ڪرڻ کانپو، فرار ٿي ويا، شهيدن جا مڙهه ۽ زخمين کي اسپتال نيو ويو

بقايا سنڌيار 07

آهن. جنهن کي مڪمل رد ڪيون ٿا، هن چيو ته جسٽم ڪراچي ڊويزن جي ڊي او الاهي بخش بيڪ جي رهائش گاهه تي سندس پيئ جي وفات تي تعزيت وقت جسٽم چيئرمين صنعان خان قريشي ميڊيا سان گڏالهائيندي هن وڏيڪ

# شهدادڪوٽ ۾ مونوٽيڪنيڪل ڪاليج جي پرنسپال جي رٽائرڊ ٿيڻ تي الوداعي تقريب

## اڳوڻي پرنسپال شجاع الدين پٽو کي رٽائرڊ ٿيڻ تي ڪاليج ۾ الوداعي تقريب ڪوٺائي وئي

## ريجنل ڊائريڪٽر ذوالفقار علي ابڙو، ڊپٽي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر طارق حسين ابڙو ۽ ٻين پاران شرڪت

شهدادڪوٽ (رپورٽ:شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ مونوٽيڪنيڪل ڪاليج جي پرنسپال جي رٽائرڊ ٿيڻ تي الوداعي تقريب ڪوٺائي گلن جي ورڪا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

شهدادڪوٽ: مونوٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ ڪوٺايل تقريب جو ڏيک

# وارهه ۾ ڊرگ ريگيوليٽر اٿارٽي ۽ صحت ڪاتي جي ناهلي سبب غير معياري دوائون وڪرو

## ناهلي سبب غير معياري دوائون مريضن کي شفا ڏيڻ بجاءِ ويتر بيمارين ۾ وڪوڙي ڇڏيو

## ڪمپنين بجاءِ غير معياري ۽ رجسٽرڊ نه ٿيل ڪمپنين جون دوائون وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ ڊرگ ريگيوليٽر اٿارٽي ۽ صحت ڪاتي جي ناهلي سبب غير معياري دوائون مريضن کي شفا ڏيڻ بجاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

شڪارپور: بلدياتي چونڊن ۾ ڪاميابٿيل اميدوار حلف کڻي رهيا آهن

# دادو ۾ هٿياربندن جو صحافي نظام شيخ جي سئوٽ جي گهر تي هٿياربندن جي ڪاهه

## استاد عبدالحفيظ شيخ جي گهر ۾ داخل ٿي ڏينهن ڏٺي جو ڏاڙو هڻڻ لاءِ ڪاهه ڪئي وئي

## واقعي جي مذمت جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو، ايس ايس پي معاملي جو نوٽيس ورتو

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ هٿياربندن جو صحافي نظام شيخ جي سئوٽ ۽ صحافي نصير شيخ جي پاءُ پرائمري استاد عبدالحفيظ شيخ جي گهر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 41

# وارهه ۾ بدامني، منافي، خوري ۽ منشيات جي عام وڪري خلاف احتجاج جاري

## نندن وڏن شهرن وارهه وڳڙ، لعلو رائنڪ ۽ گاجي ڪهاوڙ ۾ انتظامي ناهلي خلاف مظاهرو

## پنجين ڏهاڙي به احتجاجي بئنر ڪٽي تعلقه پريس ڪلب وارهه پهچي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ بدامني، منافي، خوري، مظهر صحت کاتا خوراڪ ڪيميڪل واري زهريلي ڪير، ڏهي ۽ منشيات جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 40

وارهه: سماجي اڳواڻ شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

# تنڊو محمد خان ۾ مختلف سماجي تنظيمن انٽرنيشنل هيومن رائيٽس پاران احتجاج

## پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا هٿي اسٽيشن روڊ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

## پاڪ فوج سرحدن جي حفاظت ڪري ٿي ، فوج خلاف سازشون ڪندڙ دشمن آهن:مظاهرين

تنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) تنڊو محمد خان ۾ مختلف سماجي تنظيمن انٽرنيشنل هيومن رائيٽس پاڪستان ، سماجي ساٿ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 42

بقايا سنڌيار 08

حسين لاشاري جنرل سيڪريٽري سنڌ يونائيٽيڊ پيپلز ليبر لائنس ورڪس ايئڊ سروسز سنڌ نياز حسين شيخ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ريلي ۾ شامل ملازمن جي هٿن ۾ بينر هئا جن مٿان مطالبن وارا نعرا لکيل هئاڻ موقعي تي اڳوڻن زاهد حسين لاشاري غلام شبير پٽو نياز حسين شيخ ۽ ٻين جو چوڻ هو ته ڊسٽرڪٽ روس ۽ هائيوي ۾ مختلف جاين تي برٿين لاءِ انٽرويو ورتا پيا وڃن نوڪرين ڏيڻ سفوقدر آهي پر ڪانٽن جي چيف آفيسر بجاءِ ڊي سي جي نگراني ۾ انٽرويو ڪرڻ وارو عمل غلط آهي چا هائيوي ۾ ٻين ڪانٽن ۾ اهل آفيسر ناهن جو ڊپٽي ڪمشنر جي نگراني ۾ انٽرويو ورتا پيا وڃن اڳواڻن وڏيڪ چيو ته سنڌ حڪومت يونين سان لڪت ۾ معاهدو ڪيو هو ته 25 سيڪڙو نوڪرين ۾ يونين کي ڪوٽا ڏني ويندي جيڪي نوڪرين ملازمن جي اولاد کي ڏيڻاسين پر سنڌ حڪومت ڪيل معاهدي تي عمل ڪرڻ بجاءِ ڊپٽي ڪمشنر جي نگراني ۾ انٽرويو وٺن بعد من پسند ماڻهن کي نوڪرين ڏيون ويندين جيڪو عمل ميرٽ جي لٽاڙ آهي اڳواڻن چيو ته جيڪڏهن يونين سان ڪيل معاهدي تي عمل نه ٿيو ته ٻي صورت ۾ سخت ڪرڻ سميت عدالت جو دراڙو ڪڙڪايو ويندريلي ۾ غلام نبي لاشاري،جاويد احمد وسان،بشير احمد پرڙو،علي مردان شيخ،علي ڏنو مري،اقبال حسين لاشاري،عبدالسميع جوڻيجو،الله بخش شيخ،شڪيل احمد ڪهيوحسين بخش ابڙو،غوث بخش شيخ ۽ ٻيا پڻ ريلي ۾ شامل هئا

بقايا سنڌيار 09

برادري، گهاڻگهرا برادري ،وسان برادري چيما برادري سميت مختلف برادرين سان تعلق رکندڙ آبادگارن طرفان قومي شاهره رائيپور تي احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري احتجاجي مظاهرو بعد ۾ جماڻي پيٽرول پمپ کان گمبٽ موڙ تائين قومي شاهره سان ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندا اڳوڻو وائيس چيئرمين غلام اصغر وسان، نبي بخش عباسي ،پي ٽي آءِ ڪائونسلر فياض عباسي ،حاجي بهادر وسان ۽ ٻين چيو ته درازا ماڻيٽر ،غلام علي شاخ ۽ هٽرادر پاڻي جي ڪوٽ ڏيکاري اسان جا فصل سڙيا ٿا وڃن جڏهن مٿين زميندارن کي دارغو ۽ انجنيئر سميت عملو پاڻي پئسن عيوض رکور ڪرين ٿا جنهن ڪري پڇڙي ۾ پاڻي نٿو پهچي جڏهن ته آبادگار احتجاج ڪري ٿڪجي پيا آهن پر ايريگيشن آفيسرن جي ڪنن ۾ جڙ ته ڪٻه پيل آهي جو مظلوم هارين جو آواز نٿا ٻڌن ويتر اسان به ڪان بيلدار لاڀو گهرن ٿا جيڪو ڪين نه ڏيئي تي شاخن مان پاڻي گهٽائي اسان کي سزا ڏئي رهيا آهن هنن مطاليب ڪيو ته وزير آب پاڻي اسان سان ٽينڊ ناجائزين جو نوٽيس وٺي نه اسان مجبور ٿي قومي شاهره تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪنداسين جيڪو مطالبن جي مڃتا تائين جاري رهندو ڌرڻي ۾ نسير چيما ،غلام سرور وسان فهيم الرحمان سرڪي ، ثمانو خان سرڪي ، ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 10

مهمان ڊپٽي ڪمشنر سڪر شهزاد طاهر ٿهيم، ريجنل الڪيشن ڪمشنر، ايڊيشنل الڪيشن ڪمشنر ۽ ٻيا هئا، حلف ڪندڙ نمائندن ۾ اڳوڻو ميئر اسلان شيخ، اڳوڻو ڊپٽي ميئر طارق چوهان، ميربحر ميئر ۽ ٻيا شامل هئا. عبدالرحمان مينگل، محمد ياسين آرائين، مختيار ڪوڪر ۽ ٻيا شريڪ آهن. بعد ۾ حلف ميڊيا سان گڏالهائيندي اڳوڻي ميئراسلان احمد شيخ چيو ته جيڪيڪمگنڊيل مدي ۾ مڪمل نه ٿي سگهيا. اهي جلد مڪمل ڪرائيندس. پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال، مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو ويندو. تقريب جي پڇاڻي تي هال ڀيٽي پتو جي نعرن سان گونجي ويو ۽ جيالن پاران مڪاني ادارن جي نمائندنڪي گلن جا هار پڻ پيش ڪيا ويا. مڪاني ڪاتي سنڌ جي ايڪشن جو پيو مرحلو مڪمل ٿيڻ بعد نون چونڊيل بلدياتي نمائندن جي حلف برداري جو سلسلو جاري آهي. ڊي سي سڪر شهزاد ٿهيم ضلعي ڪائونسل سڪر ۾ روهڙي ۽ پنوعاقل ٽائون ڪميٽين جي نون چونڊيل نمائندن کي حلف ڪڍايو. حلف برداري واري تقريب ضلعي ڪائونسل هال ۾ منعقد ٿي. جنهن ۾ ضلعي ڪائونسل سڪر جي ميمبر سيد ڪميل حيدر شاهه، ويرم خان مهر، اڳوڻي ضلعي ڪائونسل چيئرمين سردار تقي خان ڏاريجو، سيد جاويد شاهه، مير يعقوب علي شاهه ۽ ٻين چونڊيل نمائندن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 11

ٻ پ اميدوار وڪرم ايسرداس جوڪچوته لڳو. جڏهن ته ٽائون ڪميٽي نٿون ڪوٽ جي 9 واردن تي ٿيل بلدياتي الڪشن ۾ پيپلزپارٽي پنج سيٽن ۽ ايم ڪيو ايم ٽن سيٽن تي ڪاميابي ماڻي هئي ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي پ پ سٽي نٿون ڪوٽ صدر ۽ وارڊ نمبر 2 تان ڪامياب ٿيل اميدوار نور محمد منڊرو ٻڌايو ته ضلعي ميرپورخاص جي پ پ قيادت مونڪي ٽائون ڪميٽي نٿون ڪوٽ جي چيئرمين شپ لاءِ مان بخشيو آهي جلد ٽائون ڪميٽي جو چيئرمين ٿي هتان جي ماڻهن جي خدمت ڪندس. هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي ايم ڪيو ايم پاڪستان اميدوار ريحان رضا ٻڌايو ته ٽائون ڪميٽي نٿون ڪوٽ جي چيئرمين شپ جو خواهشمند آهيان ميدان خالي نه ڇڏيندا سون ڪٽڻ هارائڻ الڪشن جو حصو هوندو آهي. نٿون ڪوٽ بلدياتي الڪشن ۾ چونڊجي آيل ٽائون ڪميٽي نٿون ڪوٽ جي 9 ميمبرن کي پرزائيڊنگ آفيسر اسسٽنٽ ڪمشنر جهڏو ريحان ڏيڻو پاران جهڏو جي حريم گارون ۾ حلف ڪڍايو ويو.

بقايا سنڌيار 12

جي جنرل سيڪريٽري اعجاز احمد لغاري اشفاق احمد خان پٽو، عامر زيب خان جتوئي، بلند خان جوڻيجو، خان بهادر غلام مصطفيٰ ابڙو ، سليم خان جتوئي صاحب، علي ڏنو خان گاڏهي ، غلام مرتضيٰ ٻگهيو ، ثناءُ الله ابڙو، عبيد الله جتوئي، گلشاد احمد فلهوتو، ڪامران احمد ابڙو، عنايت الله پٽو، غوث بخش مهيسر، سيد رياض حسين شاهه، فيصل احمد منگي، عطاءُ الله جتوئي، منصور علي گهاڻگهرو، بابر آفتاب سيال، سيد نعم راشدي، سلامت خان انڙ، غلام مصطفيٰ سيهو، محسن علي ڪلهوڙو، شمن علي جوڻيجو سميت ضلعي لاڙڪاڻي جي مختلف يونين ڪائونسلز، سٽي نٿون ديرو ۽ سٽي رتوديرو مان ڪاميابي ماڻيندڙ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻن پڻ حلف کنيو. حلف برداري تقريب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقي لاڙڪاڻي جي صدر اسدالله پٽو، سٽي نٿون ديرو جي جنرل سيڪريٽري محمد انور پرڙو، رتوديرو جي جنرل سيڪريٽري زاهد حسين جلباڻي، انفارميشن سيڪريٽري خالد رضا جوڻيجو، سميت ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪن پڻ شرڪت ڪئي. نصرت پٽو هال لاڙڪاڻي ۾ ضلعي ڪائونسل لاڙڪاڻو جي ميمبرن، ميونسپل ڪاميٽي رتوديرو ۽ ميونسپل ڪاميٽي نٿوديرو جي ڪائونسلرز جي حلف برداري تقريب ٿي گذري ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو محترمه رابعه سيال صاحبه چونڊيل نمائندن کي حلف ڪڍايو.

بقايا سنڌيار 13

اڳواڻي ڊاڪٽر عارف برهيو،ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي، ڊاڪٽر عبدالفتاح راجپر سعود احمد برهيو،اشرف قريشي ۽ ٻين ڪئي اڳواڻ جيو ته اسپتال اندر قائم ڊائلاسز سينٽر جي ڊاڪٽر ۽ سندس عملي تي ڊيوٽي دوران مريض جي جاءِ ته هجڻ جي ڪري هڪ پلانگ تحت حملو ڪيو ويو ۽ پج ڌاءُ ڪري مريضن ۽ عملي کي حراسان ڪري اسان جي ساڪ کي نقصان پهچايو ويو اڳواڻن چيو ته شهر جا بليڪ ميلر هر روز اسپتال انتظاميه خلاف ڪوڙيون خبرون هلائي پرامن ماحول خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن اڳواڻن ضلعي انتظاميه، ڊي سي، ايس پي نوشهروفيروز کان مطاليب ڪيو ته بليڪميلرن خلاف سخت ڪارروائي ڪري ڊاڪٽرن کي مريضن جي خدمت ڪرڻ ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 14

سميت شهري به عدم تحفظ جو شڪار ٿي ويا آهن گذريل رات نامعلوم چور ٽٽي جي مين اسٽاپ تي هڪ دڪاندار مظفر بروهي جي دڪان جا تالا توڙي 20 هزار ڪيش ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي ويا. ٽٽي جي واپاري برادري ۽ شهرين ۾ سخت خوف ۽ هراس پکوڙجي ويو آهي شهر جي مين اسٽاپ جتان 24 ڪلاڪ گاڏين جي آج وڃ جاري رهي ٿي جڏهن ته مين اسٽاپ تان چوري جون وارداتون ٽٽي پوليس لاءِ هڪ سوال ٿيون نشان ۽ چئلينج بڻجي ويون آهن. موٽرسائيڪلن جي چوري. دڪان جا تالا توڙي قيمتي سامان ڦرڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي. چوراچن ٿا ۽ آساني سان پنهنجو شڪار ڪري فرار ٿي وڃن ٿا. هن وقت اٿين لڳي رهيو آهي جڻ سڄي ضلعي ۾ جنگ جو قانون نافذ ٿيل هجي جنهن جي ڪري ٽٽي ۽ مڪلي جا رهواسي لاچار ۽ بيوس نظر آچي رهيا آهن شهرين ايس ايس پي ٽٽي کان مطاليب ڪيو آهي ته هو هن وقت عدم تحفظ جو شڪار آهن. مڪلي ۽ ٽٽي ۾ پوليس جي تعداد وڌايو وڃي ۽ چوري جي واقعن جو سخت نوٽيس وٺي انهن پوليس آفيسرن خلاف پڻ ڪارروائي ڪئي وڃي جيڪي امن امان کي روڪڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام نظر آچي رهيا آهن

بقايا سنڌيار 15

بعد ايس ايس پي آفيس جو دورو ڪيو، ان موقعي تي اي ايس پي سٽي شڪارپور سيد فاضل شاهه بخاري ۽ ٻيا پوليس آفيسر سائٽ گڏ هئا. ايس ايس پي شڪارپور امجد احمد شيخ کي تمام انچارجن پنهنجي روزاني ڪم جي حوالي سان بريفنگ ڏني،ان موقعي تي ايس ايس پي شڪارپور امجد احمد شيخ تمام برانچن جي انچارجن کي حڪم ڏيندي چيو ته عوام ۽ پوليس جي وچ ۾ فاصلا ختم ڪري مسئلا ۽ شڪايتون فوري طور تي حل ڪيون وڃن.

بقايا سنڌيار 16

پري قرآن خواني ڪئي وئي فاتح خواني ڪئي وئي .خيرات في سبيل الله ۾ سياسي سماجي مذهبي صحافي ادبي هرمڪتب فڪرجا ماڻهو شريڪ ٿيا ۽ آيل ماڻهن کي لنگر ڪارائي دعا خير گهري وئي .انهي موقعي تي پ پ سٽي نٿون ديرو جو جنرل سيڪريٽري محمد انور پرڙو،لالا نظر پناڻ،سرفراز احمد ميراڻي،بشير احمد پٽو،ڪاشان قاضي،ڪاشف اعظم شاهه راشدي اظهر نعمت الله ناريجو،صحافين شاه محمود پٽو،قمر الدين ڏسومرو،سماجي ورڪر محمد انيس پٽو،ڊي ايس پي فدا حسين لغاري،عبدالغفور لغاري،مدثر دانش پٽو،مير منور علي منگي ۽ ٻين سوين ماڻهن شرڪت ڪئي انهيءَ موقعي تي شهيد بخشل خان منگي جي پٽن طنيل احمد ،طاهر علي ،توفيق احمد منگي چيو ته هڪ سال اڳ اسان جي بابا سائين کي ظالمن اسان کان هميشه لاءِ جدا ڪري ڇڏيو اسان کي پنهنجي بابا سائين جي هر هر ياد اچي ٿي اسان انصاف جا منتظر آهيون .

بقايا سنڌيار 17

اخباري اشتهار ظابطن قائدن جي اٿتو ڦيڪا ڏنا ويا آهن ڦيڪيدارن ۾ اڪثريت ڌارين ماڻهن سان گڏ ڪجه مقامي ٻاشر پڻ شامل آهن جن بنا ڪنهن اصول تحت ڪوئلي جي ڪوٽائي شروع ڪرائي ڇڏي مختلف ڦيڪيدار هٿڙ سبب سرنگهن ڏريمي هڪ پٿي جي ليزن ۾ داخل ٿيڻ سبب جهيڙا پڻ روز جو معمول بڻيل آهن جڏهن ت ڪوئلي ۾ مزدورن کي آڪسيجن هيليمينٽ سميت مختلف سهولتون نه هڻڻ سبب ڪيترائي مزدور دهڪي فوت ٿي وڃن ٿا جڏهن ته مدي خارج ڪوه نه لئائڻ سبب جانور پڻ ڪري مرن ٿا زمين کي قائدن خلاف هيئنئن نه تائين ڪوئلاڻ سبب گوٺ جبل دهڙ جو خدشو پڻ موجود آهي منرل ڪانو ۽ ان جا ڪامورا پوليس مقامي ٻاشرن جي ملي ڀڳت سبب ڪوئلي جي غير قانوني ڪوٽائي جو عمل هلندڙ آهي جنهن سبب اربين روپيا ڪمائيندڙ ڪوئلي جون ڪائيون تعلقي جي ڪنهن به گوٺ کي پيٽڻ جو پائي تعليم صحت روزگار روڊ رستن سميت ڪابه سهولت نه ملي سگهي آهي هتان جي سياسي سماجي ڌرين علي نواز ڪنبر انور علي مڱڻهار محمد ملوڪ ٽيهو ۽ ٻين وس وارن کان مطاليب ڪيو ته غير قانوني ليزون ختم ڪرائي شفاف طريقي سان ڏنيون وڃن

بقايا سنڌيار 18

جي 16 ميمبران يونين ڪائونسل وارهاڻ جي 164 ،چئرمين وائيس چئرمين جي 82 جڏهن ته ڇه 06 ٽائون ڪاميٽي جي 40 ميمبران پنهنجن پنهنجن ٽائون ڪاميٽي اندر حلف کنيو . حلف برداري جي مڪ تقريب ڪنڊڪوٽ ڊسٽرڪٽ ڪامپليڪس اندر ٿي جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي 41 ميمبر ميونسپل ڪاميٽي جي 16 ميمبران ڪي ڊپٽي ڪمشنر منور علي مڱيائي حلف ڪڍايو جنهن ۾ گل محمد جڪراڻي مير راشد خان سنڌراڻي زرياب خان بجاراڻي لياقت خان ملڪ آغا شمس پٺاڻ ،مختيار سهريائي شير محمد سهريائي ۽ ٻين واسطيدار ميمبران وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 19

نصير چانڊيو جي گولين هڻي قتل ڪيو ويو هو، جنهن جي اڄ 3 ڏهين ورسي جي موقعي تي واردن پاران آخري آرام گاهه تي گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري وئي ان موقعي تي عاشق علي چانڊيو، ارباب علي، عبداللطيف چانڊيو ۽ ٻين ٻڌايو ته 3 سال اڳ گوٺ جي چڱي مڙس نصير چانڊيو کي ڪراچي پوليس گهر ۾ داخل ٿي بلاجواز گولين هڻي قتل ڪيو جنهن جي خون سان انصاف ته نه ٿيو پر نصير چانڊيو جا وارث اڄ به ڪوڙن ڪيسن کي منهن ڏئي رهيا آهن جڏهن ته نصير چانڊيو جا قاتل قانون کان آجا گهمي رهي آهن هنن چيو ته نصير چانڊيو جي آخري آرام گاهه تي وڃن ٿا جيڪي ته نصير چانڊيو جي قاتلن کي سزا ڏيارڻ لاءِ ڪيس کي ري اوپن ڪرڻ لاءِ عدالتن ۾ ويندا سين ۽ خون سان انصاف ته ٿيڻ تائين مات ڪري نه ويهندا سين

بقايا سنڌيار 20

ڪري ورتو ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. خبر موجب سرحد پرسان قومي شاهراهه ڪارو گهٽ وٽ روڊ حادثو مزدا جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر هڻ سبب عورت 29 سالا مائي اشرا زال ڪامران عباسي چيپاڻجي ڏڏي تي فوت ٿي وئي جڏهن ته ٽي سالا معصوم نيڪر حسنين، عبدالرحمان ۽ مائي ياسمين عباسي سخت زخمي ٿي پيا، سرحد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ڊرائيور کي مزدا سميت گرفتار ڪري ٿاني تي ڪني وئي ڪيس داخل ۽ زخمين کي ايمبولينس ذريعي گهوٽڪي اسپتال منتقل ڪيو. جڏهن ته پوليس حادثي ۾ فوتي عورت جو لاش اسپتال ڪڍائي وئي جنان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويوان موقعي تي سرحد پوليس جو چوڻ هو ته واقعو ٽيزرفتاري سبب پيش آيو آهي، هوڏانهن فوتي عورت مائي اشرا جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا سنڌيار 21

محمد خان ياسر پٽي حلف ڪڍايو تقريب ۾ ميمبر صوبائي اسمبلي سيد اعجاز شاهه بخاري ، ڊسٽرڪٽ الڪشن ڪمشنر ٽنڊو محمد خان محمد حسن ، ٽنهي تعلقن جا اسسٽنٽ ڪمشنر، سول سوسائٽي ۽ ميڊيا جي نمائندن شرڪت ڪئي. جڏهن ته حلف برداري تقريب لاءِ سيڪيورٽي جا مناسب انتظام پڻ ڪيا ويا هئا . تفصيل موجب ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي 28 ميمبرن ۽ 19 واردجي ميمبرز کي ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر / ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ياسر پٽي حلف ڪڍايو ۽ تعلقه ٽنڊو محمد خان جي 8 يونين ڪائونسلز جي چيئرمين وائيس چيئرمين ۽ ميمبرز کي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو محمد خان آفتاب بروڙ حلف ڪڍايو. تعلقه ٽنڊو غلام حيدر جي 8 يونين ڪائونسل ۽ ٽائون ڪميٽي جي 7 ميمبرز کي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو غلام حيدر سڪندر علي مهيري حلف ڪڍايو بلڙي شاهه ڪريم تعلقي جي 12 يونين ڪائونسل ۽ ٽائون ڪميٽي جي ميمبرز کي اسسٽنٽ ڪمشنر غلام سرور پنهور حلف ڪڍايو

بقايا سنڌيار 22

جي مختلف فيڪلٽين، تدريسي ادارن ۽ شعبن ۾ جاري تعليمي سال 2023 جي پهرين سيمسٽر جي امتحانن جو دورو ڪيو ان موقعي تي امتحان ۾ شريڪ شاگردن ۽ شاگردياڻين سان گڏالهائيندي پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو چيو ته اوهان خوش قسمت آهيو ته هن تعليمي اداري ۾ اعلي تعليم حاصل ڪري رهيا آهيو هن چيو ته وقت جي ضرورت آهي ته بهتر مقابلي جي رجحان جي وڏي اهميت هوندي آهي. ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو يونيورسٽي انتظاميه پاران امتحانن جي پرامن انعقاد لاءِ ڪيل انتظامن تي پ